تيزاب

اَگرن جو

٧٠

هوتو ”سنڌو پياسي“

تيزاب اکرن جو

(غزلن جو مجموعو)

هوتو ''سنڌوُ پياسي''

ڇپائيندڙ
شيام سندر شاد پبليڪيشن،
جئپور.

ٻه اکر....

کو ٻه ليک جڏهين ڪجهه لکي ٿو ته اهو سوچي سمجهي تکي توري پوءِ لکي ٿو، پر شاعر جيڪي چوي ٿو يا جيڪي لکي ٿو، اهو ڇڻ ڪيس الهام آيو هجي ۽ پنهنجي ان الهام جي مستيءَ ۾ ڪجهه ٻه لکي وٺي ٿو. هوتو ”سنڌو پياسي“ اهو ڪجهه لکي ٿو ڇڻ ڪنهن وجد ۾ اچي ويو هجي ۽ زندگيءَ جي ڪئڙي تخريب جو تيزاب ڪاغذ تي اوتي ٿو. چوي ٿو - زندگيءَ جو هر لمحو آهي پيالو قهر جو، بس پيئون ٿا حال هر ۾ هي پيالو زهر جو. هو تمام حساس طبيعت جو آدمي آهي. ڇهه فوٽو ڊگهو - ڳالهائڻ جو کهرو، بدن جو جانٺو - من جو صاف - شڪل سهٽي، پر سندس دل ۾ ڇڻ باهه پيئي ٻري هن سماج جي خلاف، هن آرٽ ڦرستي جي خلاف اڄ جي چور راجائن جي خلاف. اڄ جا راجائون سماج شيوڪ نه آهن، بلڪ سماج جا دشمن آهن. انهن خلاف هو خوب لکي ٿو. محبت ۾ سرشار غزل، پيار جا گلزار غزل، ڏک ۽ محروميءَ سان ڀريل غم گذار غزل لکيا آهن. ڏسو دوستيءَ لاءِ ڇاٿو لکي - نه ڪنهنجي دل وٺي ڇاڻي، ڀلا سو يار کهڙو ٿيو، زباني پيار جو اقرار ڀي اقرار کهڙو ٿيو. وطن جي حب لاءِ - ياد ڪنهنجيءَ جو سدا ديپڪ جلايون ٿا اسين، او وطن سنڌو اوهان جا گيت ڳايون ٿا اسين. يا هي ڏسو - قسم تو ماءُ جي ٿڃ جو، وطن کي ياد سڀ رکجو، سنڌوءَ جو روح تي نالو اُڪاري شاد سڀ رکجو. ڏسو

Tezaab Akharan Jo
(Collection of Gazals)

By
Hotu "Sindhu Pyasi"

Year of Publication : 1997


Price : Rs. 50/-

Publisher :
SHYAM SUNDER SHAD PUBLICATIONS,
A-303, Shankar Nagar, Kagzi Wada,
JAIPUR - 302002.

Designed by ABC Creations,
142, Sindhi Colony, Bani Park, Jaipur.
Printed by Hari Har Printers,Jaipur - 302004.

Cover Design : Vashdev 'Sindhu-Bharti'

Published with the financial assistance of
Rajasthan Sindhi Akademi, Jaipur.



هوتو ”سنڌو پياسيءَ“ جو شاعراڻو سفر

PYAASA - GEET	1968	ياسا گيت“
NASHILI - SURHAAN	1969	شيلي سُرهاڻ“
MAHIK MITTIA JEE	1983	هڪ مٽيءَ جي“
JARKE VAAI VATAN JEE	1984	رڪي وائي وطن جي“
MAN JO KHANDHAR	1986	ن جو کنڊھر“
RAT BHINYOON RAAHOON	1990	ت ڀِنيون راھون“
PAR KATIAL PAKHI	1994	ڪٽيل پکي“
TEZAAB AKHARAN JO	1997	زاب اکرن جو“

Hotu "Sindhu Piyasi"
A-303, Shanker Nagar, Kagzi wada,
JAIPUR - 302002

ڌرتي ماءُ لاءِ ڇاڻو لکي - ڌرتي سڀ جي ماتا آهي، ڌرتيءَ جي رکوالي ڪر، ڪر اَمن جون ڳالهيون، جنگ جي ڳالهه نه اهڙي سالي ڪر. ڌرم ۽ مذهب تي ڪهڙن اکرن ۾ چوٽ ڪو ڪري - پاڪ سو مذهب نه آهي، پيو ڪُهي انسان جو، هان لڳي وحشي درندو چيلو جڻ شيطان جو. ساري دنيا جي ڀائپيءَ لاءِ - اڇو ته جڳ گلزار ڪريون، پريت پريو وهنوار ڪريون. مالڪ جي سنتان اسين سڀ، سڀ سان پيار ئي پيار ڪريون. زندگيءَ جي سورن جو ڪهڙن اکرن ۾ ورنن ڪو ڪري - جيئڻ جي جاني سزا اهڙي ملي، جڻ ڪوئي ڪي آه وئي ڇهتي ٻلي، هن حراميءَ دؤر ڇيريون سڀ نسون، اندر ٿا روئون مگر ٻاهر کلي يا زندگي خود ۾ خود سزا آهي، جڻ ملي ڪيس بد دعا آهي. غريبن جو همدرد، اَمن جو واهرو، جنگ جو دشمن، سنڌ سان والهانا محبت ڪندڙ، ڀارت جو سچو سپوت. هن جي غزلن ۾ اَمن، جنگ، رنگ ڀيد جي خلاف آواز، ڌرم ۽ مذهب جو سخت مخالفتي. هن ڌرم ۽ مذهب جا ڇڱا ڇوڏا لاٿا آهن. هر انساني رشتن ناتن، ڪهني رسمن رواجن ۽ عورت جي وفا ۽ جفا تي به خوب لکيو اٿس. سندس غزلن ۾ سڄي دنيا سمائي پئي آهي پوءِ اها ايران عراق جنگ هجي، عرب اسرائيل هجي يا سنڌ ۾ مهاجرن جي ڌاڌائي هجي - يا سنڌ جي سپوتن جي آزاديءَ جي تحرير ۽ تحرڪ جي جنگ هجي، هر هڪ جو پڙاڏو هوندو ئي هوندو آهي. هن امريڪي سامراج انگلنڊ فرانس جي به غزلن ۾ لاڪ لاٿي آهي ته ڏکڻ افريڪا جي ٻارن جي ظلم جو داستان به غزلن ۾ لکيو اٿس، پر جيڪو صادق جذبو هن جو سنڌ لاءِ، سنڌي قوم لاءِ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ آهي اهو مبارڪ آهي. هو سنڌيت جو سچو ۽ لاڏلو سپوت آهي، ان ۾ ڪو به وڏاءُ نه آهي ته هي انقلابي سنڌي شاعر آهي.

- گوبند پنجابي

9/3rd Floor,
Vaikuth Bldg., Mount - Mery Road,
Bandra, Bombay - 400 050.

هڪ گيت

ھ جا پنيت ٻري پوندا اسانجي شعر مان،
اش سنڌ ۾ مان هجان هان ۽ هجن منهنجا شعر.

نڌ جي ويرن سپوتن سان ملي لڙندو رهان،
س دشمن ۽ غدارن سان سدا وڙهندو رهان،
ين بيوس يار ٻڌجي، هٿ جيان ڪڙهندو رهان،
س ڏچيون تن جون اُڏائي پيا جيئن منهنجا شعر

ريت جي ظلم کي ٻوڙي ڇڏيان هان سمنڊ ۾،
ڪ شاهيءَ جا جهنڊا ڪوڙي ڇڏيان هان سمنڊ ۾،
نگ جا هٿيار پڻ ٻوڙي ڇڏيان هان سمنڊ ۾،
ئيچاري سان گلي ملندا رهن منهنجا شعر.

من سان ساري جهان ۾، سنڌواسي پيا جيئن،
ار جو اَمرت سدائين سنڌ واسي پيا ڏين،
نڌ جي ساري خطي ۾، سنڌواسي پيا رهن،
رد هر ڪنهن سان ونڊيندا، پيا ڪلن منهنجا شعر.

ا اسين اولاد سنڌ جي ڪين آهيون خون جا؟
ا اسين فولاد سنڌ جي ڪين آهيون خون جا؟
ا اسين اَپواد سنڌ جي ڪين آهيون خون جا؟
ون غيرن جا سدا وهندو ڏسن منهنجا شعر.

و ڪري تهذيب انسانيءَ تي هردم چوٽ پيو،
و وني پيو دين مذهب جي سدائين اوٽ پيو،
امراجين ڪان ئي جنگ لئہ جو ڇڏائي نوٽ پيو،
ن جلادن جو مٿو ڀڃندا رهن منهنجا شعر.

ان نہ هندو ۽ مسلمان جي سڃاڻان ذات تو،
ان تہ شاعر شاعريءَ جي بس سڃايان ذات تو،
ات انسانيءَ جي شعرن سان ڪريان خدمات تو،
ر ظلم جي جڙ ڪپائيندا رهن منهنجا شعر.

مان پنهنجي شاعري سنڌ جي
ڪريان ٿو پيٽ چرنن ۾،
قبولي ماءُ شل مرڪي
خزانو صدق وارن جو.

واڌايون

هوتو ”سنڌو پياسي“ کي

پنهنجن شعرن جو اٺون مجموعو

ڇپائڻ تي

M/s. Indian Engineering Co.,

Worli Naka, Bombay.

ڏئيسين چال سياسين جي، ۽ شطرنج چالبازن جي،
سچي سنڌ کي ڏئوسين پاڪ جو پڻ آستان ٿيندو.

الا اڳوان کو سنڌ کي، نہ هندو کو مليو جبرو،
ويو جيئن ملڪ سنڌين کان، ڏئو آهي توهان ٿيندو.

اسين اولاد پنهنجي کي، فخر جو کيئن ڏيون احساس،
خبر آ خوب گانبو هت، اسان جو داستان ٿيندو.

سنيالي کيئن رکون سنڌ جي، سموري ساک کي هند ۾،
اسان جو تهذيبي ورثو، وڃي ٿو هت زيان ٿيندو.

اسين رئندي سياڻي موت جي آغوش ويندا سين،
وري اتهاس کي موڙي، کو اهڙو کامران ٿيندو؟

کنداسين معاف کيئن تن کي، اُکيڙيا پير جن سنڌ مان،
اسين سڏکون سدا 'پياسي'، خدا چا ٻي زبان ٿيندو.

ورهائي جو درد يارو، نہ اکرن ۾ بيان ٿيندو،
ڏسو اڄ روح روحن جو، بہ نيڻن مان عيان ٿيندو.

صدين کان سنڌ ۾ پنهنجي، اَبن ڏاڏان کيون رانديون،
انهن جي سار جو سڏڪو، اندر ۾ آ روان ٿيندو.

اسان کي وقت جي مارن، کيو بيوس جهان ۾ آ،
اسان جي حال تي ششدر، بہ ٿيندو آسمان ٿيندو.

نہ اهڙي ڏي سزا کنهن کي، خدا کنهن ملڪ وارن کي،
اسين کاٽيون جلاوطني، عقل آ بدگمان ٿيندو.

سنڀاريون ٿا سدا سنڌ کي، نندين مان ٿي وڏا يارو،
اسان جي موت جو هت ئي، نيارو ڪاروان ٿيندو.

ڏسو چهرا اسان جا اڄ بہ ٽڙندا ٿا رهن گل جيان،
اسان جي سنڌڙيءَ جو جل، اسان ۾ آ جوان ٿيندو.

ڪريون ڪهڙي گلا شڪوا، سياست خون خوارن جي،
اسان جهڙن ڏکولين جو نہ، ڪوئي قدر دان ٿيندو.

اسان سنڌ کي ڏسڻ جي چاهہ آ باقي رکي دل ۾،
اسان جي موهہ جو هند ۾، نہ ڪو نالو نشان ٿيندو.

جلايون ٿا لهو خود جو، ڏسو خود کي جڏهين ڪاهل،
ڀڏايو مدبرو هند جا، هتي ڪو پاسبان ٿيندو؟

اسين ڌرتيءَ ڏنو ڀوڳيون، ۽ ڌرتيءَ کي ڪريون بنجر،
ڪسيون سڀ اَمن ڌرتيءَ جو، ۽ جنگ جا سڀ مدا آهيون.

ٻڇون سڀ ڪين ڀڳوانٌ کان، ٻڇڻ جو ٻونگ سڀ چاٽون،
لکون ٿا قران گيتا بائيبل، تڙبہ ٻہ چتا آهيون.

ڪريل سڀ ڪام جي ڪڏ ۾، ڪريون ڏيڏر جيان ٽڙ ٽڙ،
اسين سڀ روح ۾ روڳي، نہ ناري نر سڳا آهيون.

سمورو سچ لڪيم سارو، ٻُڇان خود ڪين ڪا ڪائو،
ٿا سمجهون معتبر خود کي، نشي ان ۾ ٻڏا آهيون.

نہ هلٽي چيز ڪا خود سان، مرڻ کان پوءِ مساڻن ۾،
ڪُڏون سڀ ڪوڙي دولت تي، انهيءَ ۾ سڀ رتا آهيون.

هرڪو خود کي ٿو سمجهي، اسين سڀ کان هتي اعليٰ،
اڙي يارو اسين قدرت جا هٿ گڏيون گُڏا آهيون.

ڏسو هي شاعري ’پياسي‘، ڪري ٿو کهڙي غزلن ۾،
نہ بخشي ٿو ڪڏهين ڪنهن کي، چوي سيئي گندا آهيون.

*

اسين ماڻهو نہ سڀ ماڻهو، اسين ماڻهو ڇتا آهيون،
اسين ڪي شينهن، ڪي چيتا، ڪي فطرت کان ڪتا آهيون.

اسان پنهنجي ضميرن جو، کيون آهن ٽنگون ٽيڙيون،
اسان دشمن دسي خود جو، بہ لاهي اون سُتا آهيون.

اسين سچ جو ڪريون سوُدو، نہ خوشحالي ڪڏهين آئيون،
لڳائي ڪوڙ کي پالش، تڏهين ڏن ۾ متا آهيون

ستا تي جو ڪري قبضو، اهو ٿيو وقت جو والي،
اسين سمجهون اهي خود کي، متا ڇڻ سڀ لتا آهيون.

ڪري قدرت ڏمر جڏهين، اچن لوڏا ٿا ڌرتيءَ کي،
ڪرن سڀ سڪل پن وانگر، لڳي تاسن پتا آهيون.

اَمر ڪو ساھ وارو پڻ، نہ ٿيندو آهي دنيا ۾،
اسين سڀ موت جي هٿ ۾، وڪامي ڇڻ ڪتا آهيون.

اسين مختلف ويچارن کي، نہ اسرڻ جو ڏيون موقعو،
ڪٽيون ٿا ڪوڙ هڪ ٻئي لئہ، ۽ ڪوڙا خود جدا آهيون.

خبر ناهي ڪڏهين انسان، ٿي انسان هت رهندا،
اسين شيطان خود خلقيون، ۽ خود جا خود خدا آهيون.

جيئن ساگر ۾ وڏو ننڍي کي، ڪائي لقمو ڪري پيو،
نيئن طاقتور ڪمزورن کي، ماري ڪري ٿو ڇڻ شمشان.

اڇو تہ خود کي پاپي سمجهون، ڇا لئہ خود کي ديو مڃون،
محض اسين سڀ آهيون جناور، رام سڏايون يا رحمان.

لڙون لڙائي هڪ دنيا ۾، ڪاٽيون هر مذهب جا سِر،
ڪجھ پو انسان ٿينداسين سڀ، وڏندو پنهنجو پوءِ گيان.

اسين تہ نوڳي خود کي نڳڻ لئہ، لکون ٿا پوٿيون ۽ بائيبل، ١
اسان لکيو آ سڀ ڪجھ ڪوڙو، سڀ ڍونگي آ پران قران.

ڪمتر سمجهون اسين ٻين کي، روڳ ڀونءِ جا پتلا سڀ،
ڪامي ڀوڳي روڳي سڀئي، نار سندر يا پرش جوان.

پوجا ڪريون سڀ ان پريوءَ جي، پوجا جي آ لائق جو،
سج چنڊ ڌرتي هوا باھ جنهن، آھ بڻايو سو ڀڳوان.

يوني لِنگ جي پئدائش مان، ڪوبہ نہ ٿيندو آهي مهان،
جڳت ٺاهيو جنهن هي سارو، سوئي سچو آ شڪتيمان.

اسين ٺاهيون مندر مسجد، گرجا گهر گردوارا سڀ،
پوڄا ڪريون ٿا انسان جي، جي آدم هئا ڪي شيطان.

اسين هندو ۽ ٺهون مسلمان، يهودي يهودي عيساعي،
ماڻهو پئغمبر ٺاهي، پوڄيون وينا ڪو انسان.

اڇو تہ پنهنجي چال چلن جو، ورق ورايون صاف سچو،
جنم جات سڀ آهيون ويڙهون، ويڙهو پنهنجو سارو گيان.

سڀ ايجادون ناهن ڦهري، ڪن مان سک سنتوش ملي،
پر ٿا ائٽم بم ٺاهيون، ڏرتي ڏاريون جيئن حيوان.

پون ۽ پلاري ماتا سڀ جي، سڀ کي ٿي جيئدان ڏئي،
اسين ٺاهيون يورپ ايشيا، اسين ٺاهيون چين جپان.

روئي ۽ جو ڪال آ هر هنڌ، مشڪل پاٽي ملي ڪٽي،
سهنج نہ آٽيون اهڙو جڳ ۾، وڙهون مذهب لئہ سڀ مروان.

مذهب پاڻ مرڻ لئہ ناهيو، موت اسان ايجاد ڪيو،
اسين نگورا ناحق خود کي، چئون ٿا صوفي سنت مهان.

شينهن جي کل پائي ڪيئي، گدڙ پيا گرجن هتي
مال پبلڪ جو ڇباڙي، پيٽ پيا ڀرجن هتي

چور اُچڪا اڄ سياست ۾ اچي سرمور ٿيا
هند کي هيٺي ڪرڻ جون، سازشون سٽجن هتي

ديس پيل، رساتل ۾ پئو، غرق ٿي سارو وڃي
بس ڪرائيءَ چونڊون ڇهڙا، منسٽر ٺڄن. هتي

مال سرڪاري اڪادمين جو ٻه ڪائي ٿيا ڪُپا
ادب جي ئي آڙ ۾ هٽ، بگهڙ پيا پلجن هتي

بس لکي ڪچرو ادب ۾، پڻ ٻٽي پيا آهن اديب
ڪانگ هنسن جون هلي چالون هنس سڏجن هتي

ڪجهه ڪتابن کي اشاعت ۾ ٻه آئي پيا پڙن
کي لکي ڪاٺيون کهاٽيون، ڪوڙ پيا ڪٽجن هتي

نئي ڪويتا جي لکن ٿا، ڪجهه نئون لکندا نه سي
واسي لفظن کي اوڳاڙي، سو لکي ڦدڪن هتي

شعر گوئي ڪيئي شاعر، ڪن مشاعرن ۾ پيا
غزل جي گفتگو نه سمجهن، عزل گو ٻڌجن هتي

آهي ضروري هند ۾، آڻيون ڪو انقلاب
هن ديس جو جوان رت، مرجهايو هر گلاب

اونداهه هرطرف آ، روشن نه ڇانورو،
گهر جي ٿي روشني پڻ، چمڪي ٿي آفتاب

سياست ڏنيسين ڪيڏي، گدلي نه چيز آهي
رشوت وٺن منسٽر، اڄ ڪلهه جا هي نواب

مفلس جي محنتن تي، ٿا تاج محل اڏجن،
دنيا ۾ شاهه سڏجن، حاڪم سي لاجواب

ڪيڏي غريبي هند ۾، کلور پڻ ڪري ٿي
وڪڻن ٿيون ناريون هند جون، عصمت ڪي بي حساب

بک جو بگهڙ وني ٿو، بَڪُ ڪيڏو مفلسن جو
معصوم تن جا ڪيڏا، سڪندا بڻن ڪباب

گانڌيءَ جا پڳت اڄ جي، آهن نگن جي مربي
هنسا جا روڳي چاڙهن، اهنسا جا پڻ نقاب

او هند جا جوانو، بيدار ٿيو اٿو سڀ
آڻيو وطن ۾ ڦيرو، گجندڙ بڻو رباب

ملڪ نہ آهي غيرن جو، هي ملڪ آ سنڌي ويرن جو
ديس سنڌو آ سنڌين لئہ، هي ملڪ نہ عرب اسيرن جو

آھ دڙو هو موهن جو، هي شان سنڌين جي عظمت جو
ڌرتيءَ پيدا ٻنگ ڪيا، هي ملڪ اُڏيري پيرن جو

يچ ٿيا هت ڏاهر جيان، جن ڪڏندي ڪڏندي ڪنڌ ڏنا
سر ڪي نوايو ڪين ڪڏهين، هي ملڪ آ بانڪن ويرن جو

ن شان لئہ گھوري ڏن ڇڏيون، پل هيرا ماڻڪ موتي هجن
ن غيرت تان پڻ واري سگھون ٿا مال هجي پل هيرن جو

آهي ڪچائي قسمت جي، سنڌ سور صدين کان سهندي رهي
ملڪ اَمن جي راڪن جو، سنڌ ملڪ تہ آ شمشيرن جو
وقت سنڌين کي پيڙيو آ، تاتارن مغلن ۽ عربن،
آيا لٽيرا افغاني، جن خون وهايو جيئرن جو

تازو وقت جي مار پئي، سنڌي خاڪ بسر ٿيا پارت ۾
ن پنهنجي وطن لئہ هت سڪندي، پيا نير وهايون نورن جو

وهائي مگر مڇ ڳوڙها، ڇئون سنڌ لئہ مئا آهيون
نہ دشمن سا وڙهي ڄاڻون، پڇڻ جا پڻ ڇوها آهيون

ڪريون پنهنجي سپيتا جي، اگر واڪاڻ ٿا پلجي
نہ ٻڌندو غير آ ڪوئي، هتي ڄاڙي ٽڪا آهيون

رڳو چيخون چلايون ٿا، وطن قرجي اسان جو ويو
لڙياسين ڪين سنڌڙيءَ لئہ، اسين ٻچڙا ڪئا آهيون

سياست ڪين ٿا ڄاڻون، مگر ڄاڙون هٺون ڪيئي
وقت سارو نہ سوچيون ٿا، بڪي ساٿا ٿيا آهيون

سڃاڻون ڪين دشمن کي، جي حملاور بڻي آيا
اسين صوفي سڏي تن کي، ڪندا اهڙي سخا آهيون

اسين پائر مڃون تن کي، سنڌوءَ جو جن لهو پيتو
اسين خود جي ڪرڻ جي لئہ، بہ ڪوٺيندا کوها آهيون

ڪريون ميائو ٻليءَ وانگر، ۽ پڇ لوڏيون ڪتن جان ئي
هتي هند جي سياسين لئہ، نہ قابل ڪي ٿيا آهيون

سنڌي پيسو ڪمائي خوب، ڪن ٿا عيش ۽ عسرت
سنڌي ٻولي ختم ٿئي پل، نہ پرواهہ سا ڪندا آهيون

ڇٽيندا اسين ٽڪون پنهنجون، ڳٽيندي نوٽ پڻ ڪورا
اسين غيرت بنان هند ۾، ٿيا سڀ لهو لهان آهيون.

يترو رونشو ڪيو، قدرت ٻٽائي آدمي
دمي خود جانور، خود کي سڏائي آدمي

دميت جا ڳڻ پلائي، خود چڙيا ماڻهن هتي
ماڻ ٿو وحشي بہ خود کي، سو پڏائي آدمي

ندگي جو ماڻ اڄ ڪلهہ، آ ڪسيرو ڪٽ رهيو
ر گهڙيءَ هٿ باهہ ڪيڏي، پيو مچائي آدمي

يترو دولت جي بک ڪان، پڻ ڪري ڪهلور پيو
داءُ پنهنجي هر عقل جو، پيو لڳائي آدمي

آمن جو ساري جهان ۾، خود جنازو ٿا ڪڍن
ڪين جنگ جو موقعو هٿ مان، ٿو وڃائي آدمي

ڪام جو ڪيڏو نشو، انسان تي ڇانيو رهيو
شهوتي ڪڏ ۾ ڪري، خود کي جلائي آدمي

ماءُ پيءُ اڄ ڪلهہ جي يگ ۾، ٿي مدي خارج ويا
زال جي ٻانهن ۾ ٻڪجي، سڀ پلائي آدمي

چا ذڪر ’پياسي‘ ڪريان، انسان جي هٿ پيار جو
ڪوئي رانجهو ڪو ميهر، مجنو سڏائي آدمي

هر ڏاڍ ستم ساڻ اچو، سڀ وڙهي اچون
جيتي انهن کي سوڀ جو، سَهرو ٻڌي اچون

مظلوم ۽ محتاج جا، رکوالا سڀ بڻون
ڏن سارو ڏن پتين جو، تن لئہ لٽي اچون

چاڪاڻ جيئڻ جو نہ ڏين، حق غريب کي
تن جي سماج ساڻ اچو، سڀ پڙي اچون

هانديون ڌرم مذهب جون خوني ٿا چڙهائين
تن ڪار منهن جو ٻوٽ ۽ ڏاڙهيون پٽي اچون

ڌمڪيون ٿا ڏين روز نوان، هٽلر ڪي تو جا
جنگ خور تن جو جسم ڪٽي، جيڀ وڍي اچون

پاڻي نہ پيئڻ لئہ ٿو ملي، ڪنهن خطي ۾ پڻ
کوٽي ڪا نهر ڪنهن بہ نديءَ مان ڪٽي اچون

ماري بہ ڇڏيون جيڪو کھي پيو ضمير کي
بي جاءِ لالچين جو سيٽي، ڪنڌ پيچي اچون

انسان کي انسانيت جو، پڻ سنديش ڏيون
پيائر بڻي رهڻ جو، پيغام ڏئي اچون

نت نت سنپاري سنڌ کي، سڏڪي تو 'پياسي'
اچ پاڻ سندس درد جا، ڳوڙها اگهي اچون

گلشن گلشن باھ لڳي وئي، خون پيو ٽپڪي ڦولن مان
خوني وحشي تيار ٿي نڪرن، ڪاليجن اسڪولن مان

ڏوهي اڄ ڪلھ موج ڪري ٿو، بي ڏوهي ٿا سزا سهن
رت جي بانس اچي ٿي هاڻي، پوليس مين ۽ جيلن مان

سازش جا گهر اسيمبليون، ۽ پارليامينٽ هائوس لڳن
دنگي فساد جو دونهون لڪي ٿو، مسجد مندر محلن مان

ڌرم مذهب جي باھ لڳي وئي دنيا جي هر ڪوني ۾
انڌو ٿو انصاف وڪامي، ڪورٽ جي ايوانن مان

اڄ ماڻهن کي چئي جانور، غزت مِرُن جي گهوٽي پئون
اڃان وفا جي بوءِ اچي ٿي، ڀلي ڏسو حيوانن مان

ڪهڙي مٽيءَ جو مالڪ خلقيو، هر ماڻهوءَ جو منهن مٽو
ذات ڪجات آ تن جي ڪهڙي، سمجهون ڪهڙي ڪتابن مان

پڙهو ڀلي پيا پوٿيون پنهنجون، ملڪي پيا سمجهو گيان ڀنڊار
ڪهڙو خدا جو روپ لڪيو ٿو، ڏيو حوالو ويدن مان

لڙو مرو ڀل خون وهايو، ڪوس ڪريو پيا ماڻهن جو
سورهيہ سڄو مارڻ وارا، پنهنجي پنهنجي اعمالن مان

ڏسي ڪو شور شرابو، نہ ڪجھ پڇان ٿو مان
چلن جهان جو ڏسي، صرف هٿ لڇان ٿو مان

حد جي حدن کان مٿي، ڪوئي ظالم جي ٿو ڏسان
پڙڪان ٿو مگر، ٿورو ٿورو، ڪجھ ڪڇان ٿو مان

وڏي جي ڪوئي پنهنجي، تيز تيز ويڙن سان
سچ پڇين اي دوست، ان گهڙيءَ ڇڻ مران ٿو مان

پڇي جي مونکان حال محرم بہ حال ٿو منهنجو
روئي پلڪن جي پيڙ کان بہ ڇڻ پسان ٿو مان

الا هو وطن ويو، افسوس ڪيترو ۽ ڪيترو بہ ڪريون
افسوس اهو آهي جو اڄ تائين هٿ روئان ٿو مان

بيوسي پنهنجي بہ خود، ڪنهن کي ڪيئن ٻڌائي سگهون
صرف ان گهڙيءَ ۾ ڪجھ، ٻڌان ۽ ڇڻ ٽران ٿو مان

ٻڌان ٿو ڪائي خبر، پنهنجي وطن وچڙيل جي
سنڌوءَ جي سار ۾، جيئري نہ ڇڻ ٻران ٿو مان.

کھڙي بہ ظلم ساڻ اچو، سڀ وڙھي اچون،
ھان وير بڻي وقت کي، ڪوري ڪپي اچون.

چو پاڻ سھون ڏاڍ ستم جي انياءَ ڪي،
ساڙي وجود تن جو، سچو ست ڪڍي اچون.

محنت ڪندي بہ ڪيڏو ٿا، افلاس خود ڏسون،
ٽوڙي اَميري محل سچو، ڌن لُٽي اچون.

ماڻھو مرن ٿا اڄ بہ ڪروڙين بکن کان ھت،
پاڙن کان پونجيواد سچو، سڀ پٽي اچون.

مذھب جي ڏوڙ چاڻي چٽائي اجان رھيا،
ساڙي انھن جو سار، سمورو سٽي اچون.

سمجھان ٿو مئل ماضيءَ ۾ روشن آ آئيندو،
ھي جنگ اَمن جي آ، اچو سا کٽي اچون.

غربت کي جيڪي دين چون ٿا الاھ جي،
ڏيئي انھن کي لعنتون، پوندو گھي اچون.

اٿو دنيا ۾ جي جئڻو، تہ فولادي جگر رکجو،
اچي ۽ پوءِ جو هرگز، نہ هرگز ڪو فڪر رکجو.

اڳوڻي ڪين آ دنيا، هي دنيا آهہ رهزن جي،
هتي جو ڪجهہ بہ ٿي گذري، انهيءَ تي پڻ نظر رکجو.

مصيبت ۽ مصيبت جو، هلي ٿو دور هي خوني،
مصيبت کي سهڻ جو پڻ، خدارا سو جگر رکجو.

نہ مندر ۾ نہ مسجد ۾، نہ گرجا گهر سوالي ۾،
پتا پرميشور جو پڻ، سدا دل ۾ مندر رکجو.

نہ هاريو سامراجين کان، اهي جنگ خور سڀ آهن،
اَمن جي راهہ ۾ وڌندڙ، بہ پنهنجو هر سفر رکجو.

نہ دولت ڪاري ناٽي جي، ڪمائڻ جي ڪجو ڪوشش،
حياتي پاڪ گهارڻ جي، ۽ سادو پڻ گذر رکجو.

ڇڏيو پوڄا گهرن جي هانيٽن فادر ملائن کي،
ڪئيا جن ڪوڙ پڻ ڪيئي، انهن جي لئہ ڪفر رکجو.

جي ڪنهن جي چاهہ ۾ تڙفو، نہ رودن ڪو ڪجو دل ۾،
وساري رات ورهڻ کي، سدا روشن سحر رکجو.

توهين آهيو اهي جڳ ۾، سيتا جن جي پارس آ،
سدا سنڌي هئڻ جو پنهنجي دل ۾ پيا فخر رکجو.

سنڌيت جي شان ۾ ڪوئي، گٿو جي لفظ ڪو بولي،
انهيءَ مردود جو سينو، ڪري پيا پڻ تهر رکجو.

هر طرف دنيا ۾ سڀ بغداد آ،
داد ڪنهن جو ڪين ڪي فرياد آ.

ڏاڍو هيٺي تي حڪمراني ڪري،
ظلم هر هنڌ هت لڳي ٿو شاد آ.

ڪوبہ ڪاهل ڪي ٻڌڻ چاهي نٿو،
هت سدا شيطان ئي آباد آ.

سر سلامت ڪين آهي عزت جو،
وقت جو وڇندو رهيو هي ناد آ.

اڄ نہ ماڻهو آهہ هنسڪ جانور،
مرڻ مارڻ چڻ لڳي پيو راند آ.

جنگ جو ماحول هر دم آ سڄاڳ،
اَمن جو اوتار ٿيو ڪٽ باند آ.

رات اوڍيو ڪفن آهي پيار جو،
ميرو ڪچلو چڻ لڳي ٿو چاند آ.

ڏينهن اجلو آ هہ وحشين لئہ ٻٽيو،
خوف جيون جو بہ پڪڙيو پاند آ.

دوست دشمن آهہ ٿيندو خطرناڪ،
سوچي سوچي ’پياسي‘، ٿيو ناشاد آ.

جيئڻ جي جاني سزا اهڙي ملي،
چڻ ڪوئي ڪي آهه وئي ڇهڻي ٻلي.

درد جو ڪوسو لڳي هت واءُ پيو،
ڪنهن ٿڌيري واءَ جي ناهي جهلي.

روح جا رشتا بہ رت ٻاڙي رهيا،
ڪنهن جگر ۾ زهر جي نوڪي ڪِلي.

گر صداقت سان نيائي پيار ڪا،
ڪين آ اهڙي حسينا هت ملي.

مون ڏٺا ڦٽ پاٽ تي مرندا ملنگ،
ڪو بہ اوچڻ ڪين هئي تن ڪي رِلي.

ڇا املهہ ماڻڪ حياتيءَ ڪي ميڄون،
سپ لڳا سوچڻ پرولي ڪنهن سلي.

هن حرامي دور چيريون سپ نسون،
سور سانڍيون ٿا اندر ٻاهر ڪلي.

هر ستم جا داستان ڪنهن ڪي چئون،
دل جي حالت تي وئي آ پل پلي.

سور سوماليا تي، ڪائي بکن جا،
موت جي هولي سندن جي لئہ هلي.

اسين جنگ خور سڀ آهيون، اَمن کي کين ٿا چاڻون،
لڳن وحشي بہ سڀ انسان، اسين ماڻھو نہ سڀ ماڻھون.

زماني ۾ هلي وحشت، مذهب جي نانوَ تي هردم
اسين سوچي بہ ڇا سوچيون، آ سوچي عقل ٿيو ساٺو.

محبت ۾ نہ جيتيوسين، نہ سھڻن ۾ وفائي ڪا،
رسي ويو يار آ پنھنجو، نہ مومل ۽ رهيو راڻو.

سري بزار ڦلجن ٿا، بہ ماڻھو چرن چاڪن سان،
اکين هوندي انڌا آهيون، ڏئي تعنا پيو ڪاڻو.

شرافت کي تو ڪچلي ڪو، ڪميڻو چڙ بڻي دادا،
سپاڻي ڇا بہ تي گذري، اسين پوڳيون ڪري پاڻو.

پلي گانڌي هجي يا ٻڌ، ڏين اُپديش انساني،
وڏا سي کين تي سگھندا، وڏو اڄڪلھ لڳي ناڻو.

رڳو هٿ خام خائيءَ ۾، سڏائن عقلند سياسي
صرف پاڻي ولوڙن ٿا، بڻائي خود کي مانڌاڻو.

ڪريون ڇا شاعري اهڙي، رڳو ڳائڻ وڄائڻ جي،
اسان جي روح جو شاعر، ٿيو بالغ آ شاھاڻو.

موتين جي لپ اچ تہ، سمنڊ مان ڪٽي اچون،
پھرين تہ اھڙو سمنڊ ٻہ، ڳولي لھي اچون.

خود کي وٺايون اچ تہ، جھان جي نگاھ ۾،
ڪجھ منھن تي پالش ٻہ ڪري، اچ نھي اچون.

ڏاڍن جي ڏاڍ کي ٻہ ڏاريون، خود جوان ٿي،
ڪو بند ٻہ وحشت جو، پوري پيچي اچون.

ڏاري ٻہ ڇڏيون وقت جي، زھري زبان کي،
ڪنھن موت جي ڪوھي جي مٿان، اچ ٽپي اچون.

تعبير ڪڏھين ڪين سچي، ٿيندي خواب جي،
اچ خواب ۾ سا سنڌ، سيائي ڏسي اچون.

ڇا ليہ چٽيون ٿا پير، اَميرن جي ظلم جا،
ٻي تاج بادشاهن کي، اچ لٽي اچون.

ڳالهيون ڪندا اَمن جون، سدا جنگي آڙ ۾،
تن سامراجين ساڻ اچو، سڀ وڙھي اچون.

جي ياد ڪري سنڌ، وھائن ٿا آب کي،
اچ پاڻ ملي تن سان، روئي پِسي اچون.

جيڪي ٻہ لکون شينھن جي گجگوڙ جيان گجي،
ويرن جو جسم چيري، سندن دل ڪڍي اچون.

کيڏو آ مذهب ۾ تاءُ، ڪيئن مڃون مسلم آ ڀاءُ،
ڪ مسجد جو موت ٿيو، مندر جليا سڀ بيپرواهُ
ندو هندن کي هيسين، هيءَ آ سياست مٿو نہ ڪاءُ
نيا جا ئي سڀ مسلم، هند جو هيسين وينا راءُ
اهي هنسا هند جو ڌرم، جنگ ۾ هن جو ڪونہ ويساهُ
ڪائر سهندو آهه ظلم، بيڙي خود ٻوڙي ملاءُ
ڪ مسلم هندوءَ جو ڀاءُ، ٿيٽو نہ آ هي ٿيندو وٺاءُ.
ڻ اتهاس جا ورق ڏسو، مندر کي ڊاهن نانءُ الاءُ
جان نہ سمجهيو سوچي هندو، اڃان بہ مرندو شام سياءُ.
هيڻن جو هي ناهي جهان، ويرن جو ورندو آ واءُ.
ڪ ۾ پنهنجي پاڻ مرن، ڏنو بہ ڪنهن آ اهڙو لقاءُ.
(ڪرفيو ۾ لکيل ايوڌيا ڪانڊ کان متاثر ٿي)

هڪ ٻني آهي مسيت، ۽ مندر ڪيڏا جليا،
ڪيترن اڄ خون سان هٿ آدمين ڌوئي مليا.

ڪيتريون جانيون ويون، اڄ پاڪ هند بنگال ۾،
ڪيترو سياست سياسي، زهر ۾ آهن پليا.

سنڌ ۾ نردوش سنڌين جو وهايو خون ويو،
موت جي منهن ۾ اتي، ڪيترا بيوس هليا.

ڪيترو وحشت هلي ٿي، ٻونگي مذهب ڌرم تي،
هاءِ هن وحشين جا نرگهٽ، چونہ ٿي ماڻهن جهليا.

هان سڄي دنيا جا مسلم، يڪمست ٿيا آڪرا،
پر عراقي مسلمانن سان وڙهڻ مسلم ويا.

دوغلا سڀ دين جون، ڪوڙيون دهائون پيا ڏين،
چو سني مسلم چون ٿا، ماريو پل جڳ ۾ شعيا.

هي ڏسو رخ ٻيو هنن جو، هندو مارڻ آ ثواب،
جنت ۾ گهر تن کي ملندو، غازي جي سمجهن پيا.

ڪيئن پلا هندو ۽ مسلم، ٿي رهن پائر هتي،
هي نہ پائر هئا اڳيئي، پر جي هوندا سي ٻيا.

(ايوڌيا ڪانڊ کان متاثر ٿي لکيل)

سين ئي رحمدل آهيون، اسين قاتل به سڀ ڦري،
ذهب جي نانءَ تي انسان، به انسان سڀ لڳن زهري.

سان انسان اشرف پڻ، سڏايون ٿا بندا خود کي،
ڪنداسين ڪرم ڪو سهڻو، خدا ڪان ڪجھ ڊجي پهري.

ڪياآهيون اسين هردم، سدائين نيڪ نيتيءَ جا،
سان جو روح پڻ اڪثر، لڳي ٿو آهه ڪجھ لهري.

سدائين موج ماڻن لئه، ڪريون ٿا ڪوششون جڳ ۾،
سميرن ڪي ڪري لقمو، به ڪائون چڻ لڳي تهري.

ڪٽيون ٿا ڏس گلا ڪيڏا، به مشڪينن ابوجهن جا،
سان جي دل نه آ ڪومل، لڳي ٿي رڪ جيان نهري.

ندو ۽ بيا بڻون مومن، عيساعي ۽ بڻون ٻوڌي،
ڪريون ٿا سازشون هردم، ويڙهائڻ لئه سدا گهري.

سين مندر بڻايون مسجدون گرجاگهر گردوارا،
ڪنداسين خوب خاوند جون، ڳالهيون چٽ پٽيون ڇهري.

سين ظالم زماني جا، ازل ڪان اڄ به سڀ آهيون،
ڏون سچ ۽ چئون خود ڪي، انهيءَ لئه دل رکون بهري.

پل مرن ماڻهو لکن ۾، ۽ هزارن ۾ مرن،
اڄ ٿا ماڻهو سمنڊ ۾، گويا مڇن. وانگر ترن.

فرق ڪهڙو ٿو پوي، پل بار ڌرتيءَ تان لهي،
پل ڪٽي بم ائٽمي، راڪيٽ دنيا ۾ ڦرن.

آد ڪان ماڻهو جناور ڪان بہ وحشي آ گهڻو،
ڇڻ تہ اجگر نانگ هرهنڌ، ڦڻ ڪڍيو وينا چُرن.

دوستو دل ۾ ڏسو، پائي اوهين جهاتي ضرور،
ڪيڏو وحشين آ مچايو، ممڻ ملڪن ۾ حرن.

هان مذهب جو ذڪر هت ناهي ڪرڻ ڪنهن سان روا،
هي تہ بس آهي نسورو، خوني رهزن پائيزن.

پل اَمن جون اڄ ڪري ڳالهيون بہ خود ڪي پيا نڳيو،
اَمن جن چاهيو اُهيئي، موت جي کوهہ ۾ ڪرن.

مفلسي ڪيڏي جهان ۾، خون ٿي پئندي رهي،
بک بہ آهي باهہ ٻڇڙي، جسم وگهريو ٿا ڳرن.

خوب خاوند جون لکون، پوٿيون بہ ٿا خود ڪان ٻڇي،
خود نٿا خود ڪي سڌاريون، ڪي ’پياسي‘ جيان جهرن.

(بابري مسجد جي دنگن ڪان متاثر ٿي لکيل)

ڪٿي نہ سچو پيار ملي ٿو، پيار بہ ينگ جو لوڻو آ،
نلي هر وهنوار جهان جو، اصلي ڪين مڪوڻو آ.

سا پورا ڏيو پر اصلي، ڪين ڪا ملندي چيز هتي،
رڪو دوڪو ٻوھ ڪري ٿو، هرڪو ئي هٽ چوڻو آ.

ي ڪي ماڻهو مورک بڻجي، بن بن ڀٽڪن ڀڳوان لئہ،
يا جو آ تياڳ ڪيو تنهن، لوٽي سات لنگوڻو آ.

سا جوڙي پاپي بڻجي، مڪو مدينو ڀيٽين پيا،
گا جو اشنان ڀلي ڪن، هرڪو دل جو ڪوڻو آ.

ب جي ڌرتيءَ تي اڄ ماڻهو، حڪم هلائڻ چاهي ٿو،
نجو هن ڌرتيءَ جو ٻولو، ڏسي چوي ٿو ڇوڻو آ.

ڪ مدبر ماڻهو پنهنجو، اٿر چڏي ٿو دنيا ۾،
کرشن رحمان الڳ ڀل، گيان بہ تن جو موڻو آ.

جي تارازيءَ ۾ ترندي، مائن جي ممتا بہ ڏنم،
پيءَ جو وڪٽي ونيو، ڪوڻو پٽ ۾ پوڻو آ.

اڄ نہ ڪوئي پير پئغمبر رهيو،
بس رهيو آهي تہ پرميشور رهيو،
پاڳ ڪن جو زور آ ڪن جو قتل،
آهہ مقدر پڻ رهيو منظر رهيو.

اڄ نہ پٽ آهي تخم ٿيو پيءُ جو،
هان رهيو آهي تہ بس ڪافر رهيو.

ڪو وقت هٽلر جو پڻ آيو هئو،
اڄ امريڪا جو رهيو تڪبر رهيو.

هٽ وڏائي هاڻ آهي عام جام
تيز سڀ ڪان آ رهيو مخبر رهيو.

اڄ جي انسان جو مئل آهي ضمير،
آدميءَ جو راهبر بي گهر رهيو.

اڄ نياڻيون پيٽ ۾ پئيون ڪُسن،
هان رهيو انمول آ چوڪر رهيو.

اڄ ٿي وڪڻي ديھ ناري ناز سان،
پيار پڻ آهي رهيو پڪچر رهيو.

جو ڏسون ٿا سڀ نٿو اصلي لڳي،
ڪوڙ ۽ سچ جو رهيو مڪسچر رهيو.

آ وفادري فقط اڄ نانوَ جي،
بن وفائي جي رهيو نوڪر رهيو.

ڪيتري ترقي ڪئي هن دور آ،
اڄ بہ صحرا باغ ناهي بر رهيو.

حسن ۾ ناهي وفا پڻ عشق ۾،
پيار چڻ ٿي پير جو پادر رهيو.

ماءُ ۾ ناهي مذرتا ماءُ جي،
اڄ جو فادر ڪين ڪي فادر رهيو.

اڄ بہ ظالم ڪو مذهب آهي اجان،
پيو ڪهائي آدمي نادر رهيو.

ھنجي يادن جا ڪيئي ڦول ڪڙيا، منھنج من جي ويران گلشن ۾،
ھاڻ فضا ۾ ڇانئي آ، الفت جي نشيلي مڌ بن ۾.

سور ڏنا سي سوغاتون، مون سيني سان سڀ لائي رکيون،
ھنجي چاھت جا پن پيلا ٿيا، مون درد پريو ھو غزلن ۾.

ن واعدي وفا جي لات لنوي، چڻ پيار جي منڙي ڪوئل ٿي،
ڪيئي سريلا سوز پريا، مون آلاپيا پي گيتن ۾.

ھنجي صورت جا سو سو سپنا، ھر رات ۾ مون لئہ محفل ھئا،
ڻ شوخ شمع ھئي تنھنجي ادا، تن رنگ پريو ھو جذبن ۾.

ن ڪانيا ڪيئي ڏينھن ڏکيا، توکي ساريندي شب روز پرين،
ھنجون راتيون رنيون پئي رودن ڪان، تن نير وھايو ھر ڪن ۾.

ھنجي آس جا ساوا پن جھڙڪيا، ھو پيلو ڪن جو ويس ٿيو،
پ سوچ جون لامون ويئون سڪي، منھنجو درخت ڏڙڪيو تن من ۾

ھنجي نيڻن مان ويو نير سڪي، ٿي جوت جھڪي آ تارن جي،
تنھنجي ڪريان مان ڪائي گلا، سا ريت نہ آ مون پارن ۾.

چتر چٽيان تنھنجي صورت جا، سڀ پيار جا رنگ پريا سپرين،
ن روز ڏسان پيو ساريندي، توکي دل جي سھڻي درپن ۾.

پ ڏوراپا توسان نہ لڳن، ھي پيڙا آھي 'پياسي' جي،
ھنجي اکين جو ارمان چليو، آ سوز سميٽيو شعرن ۾.

مون تو لئہ ڪيئي گيت لکيا، مون غزل ۽ وايون نظم
مون اوتيو پيار سدا تن ۾، مون بيت بہ تو لئہ ضم

مون رهنڊيو منهن سدا جنگ جو، مان آمن جو حامي سدا ره
مون رت وهائيندڙ ڏائڻ تي، ڏس ڪيڏا قسم

مون انساني جذبات ڀري، هئي پنهنجي هرهڪ شعرن
مون ناگو ڪيو هر مذهب کي، پئي مانوتا جا ڪرم

مون آدم ذات جي جذبن کي، سينگار ڪرايو الفت
مون پيار جي سڀ لئہ ورڪا ڪئي، مون تن لئہ ڪيئي مرم

ساراهہ ڪئي مون سهڻن جي، جن پيار اکين مان اوتيو
مون پنهنجي روح جي درپڻ ۾، پئي تن لئہ کي آيام

مون ادب جي خدمت سدا ڪئي، ويچار ونڊيا مون ماڻهن
مون جذبن جون جوتيون ٻاري، پي روشن ڪي انجام

مون سنڌ کي هر پل سارينديءَ، آ نير وهايو نيڻن
مون پنهنجي وطن جي ماڻهن لئہ، پي غزلن ۾ پئغام

مون ساري حياتيءَ ساريو آ، هر پل ۾ تنهنجو پيار پ
مون تنهنجي درد فراقن ۾، پئي قسمين قسمين غم

مون جاڳي توکي ياد ڪيو، مون ساريو توکي سپنن
مون رت ڀنل کي 'پياسي' جا، پئي ڪيئي دل جا زخم

مال ھئي جو نانوَ خود جو، سو لکي سڏجن اديب،
ھي سنڌي آھي ادب جو، حال ھٽ چورن ڪيو.

ٿا ملن انعام تن کي، سڀ ادب جو اوٽ ۾،
حال آھي اڄ ادب جو، اھڙو تن مورن ڪيو.

ھر وڏي ليکڪ کي ھر دم، خط لکي لپ لپ ڪندا،
پير پڻ تن جا چٽيندا، ڪرم تن ٻورن ڪيو.

دوستي ياري ھلي ٿي، سا بہ ڏي وٽ سان ھتي،
ڪن سيمينارن ۾ جھگڙو، تن عقل خورن ڪيو.

پنھنجي يارن کي اڳيان، سڀ جي اڳيان ھردم ڪندا،
ادبي اخلاقن جي قدرن کي ننگو ڦورن ڪيو.

ڪيترا نالا ڪٽي ھٽ، ڪنھن جي ٽوپين ۾ وجھان،
ڪيترو ڪاري ڏٺي ٿي، غور آ اديبن ڪيو.

چور سمجھن ٿا سدائين، ھو لکن اصلي ادب،
ڪيئن پڙھون رچنائون تن جون، بور تن ليکن ڪيو.

غزل لکندا ڪونہ سمجھي، پر سڏائن غزل گو،
شعر جي ھر سخن ۾، ناسور تن غزلن ڪيو.

مور گڏجي پاڻ ۾، محفل بہ ڪن وسڪيون پئن،
ڪيترو اڄ ادب کي، ھلڪو بہ تن حلقن ڪيو.

شرم جھڙي چيز ڪائي، ڇا اديبن ۾ رھي،
چور اُچڪن جي ادب اڄ، سڀ کي آ بيطن ڪيو.

اتهاس ڏسون ٿا سنڌڙيءَ جو، سورن سان ڀريل ٿو سارو لڳي
هو ماضي اسانجو سهڻو سڄڻ، ٿو اڄ بہ اسانکي پيارو لڳي

هئا ويد رچيا سڀ سنڌڙيءَ ۾، آ مهما تن جي اڄ بہ مٿي
جڻ اَمرت آهي ويدن ۾، هي گيان جو اَمرت نيارو لڳي

پنج هزارن سالن کان، تهذيب سنڌين جي سوني
جڻ قومن جي آڪاش ۾ هي، ٿو چمڪڻ وارو تارو لڳي

اسين ڪين ڌرم جي آڙ وٺون، اسين ڪوس نہ انساني چاهيون
اسين ٻاجهارا جڻ ٻاجهہ ڏٺي، هر ماڻهو اسان کي پيارو لڳي

اسين ڪين هندو مسلم چاٺون، اسين چاٺون سدا انسان مٿ
هت انساني ويسن ۾ سنڌي، ٿو جڳ جو جيءُ جيارو لڳي

ماضيءَ ۾ مسلم قومن پڻ، هو خون وهايو سنڌڙيءَ ۽ ج
سڀ گهاوَ دلين ۾ تازا هِن، هر حملاور ٿو ڪارو لڳي

چو سنڌ جي خاص سپوتن کي، ٿو اڄ جو زمانو ڦٽڪاري
اسين ويڙهون ڪين لڳون وحشي، سنڌي ٻاجهہ ڀريو ٻاچهارو لڳي

ڪو وقت وري ايندو سهڻو، سڀ سور سنڌين جا ويندا لهي
سڀ مرڪي ملندا ماتا سان، ٿو سنڌ ۾ سنڌي سونهارو لڳي

اسين دنيا جي سڀ قومن کي، پئغام اَمن جو زور ڏيون
اسين جنگ نہ چاهيون دنيا ۾، هي وچن بہ گيتا وارو لڳي

اسين پنهنجي ماءُ جي آزادي، چاهيون ٿا سدا کان اڄ بہ ڪي
اسين ڪائر گيدي ناهيون ڪي، سنڌي سورهہ ۽ سوڀارو لڳي

یاد رهي تنهنجي الفت، هيو سڀ مون وساري يار ڇڏيو،
گيت لکيا تو لاءِ غزل، هن فن ئي جيئاري يار ڇڏيو.

تنهنجي وفائيءَ جا هردم، ڪي مڌر مڌر نغما به لکيا،
ءَ ڏات ڏني ڏاتر اهڙي، هن پيار سنواري يار ڇڏيو.

ڻ سواسن ۾ تنهنجي، ٿي ساري فضا ڪي مهڪائي،
نيهن نشيلي مست هوا، ڇڻ جام پياري يار ڇڏيو.

ف ڪرايو توسان خدا، ٿورا ٿو مڃان ان صاحب جا،
سهڻي سکيءَ ڪي پل پل ۾، دل آهي سنڀاري يار ڇڏيو.

چنڊ ستارا چانديءَ جون، نهرون به وهائين ٿا تو لئه،
هن مون جهڙي پاڳل بادل، سنسار سينگاري يار ڇڏيو.

نهنجي حسن جو ذڪر ڪريان، طاقت نه قلم آ منهنجي ڪي،
شاعر ادنو سنڌوءَ جو، تو مونکي نکاري يار ڇڏيو.

ارس تنهنجو پيار پرين، مان لوه لڪل هن ڏرتيءَ جو،
مونکي لڳڻءَ مان سون ٿيس، تو خود کي اُجاري يار ڇڏيو.

وينس هوش گنوائي هت، هن عشق جي الجهل راهن ۾،
ساگر روپي دنيا مان، آ مونکي اڪاري يار ڇڏيو.

هنجي نوازش 'پياسيءَ' تي، تو پنهنجي مڌر آواز سان پڻ،
ڳائي منهنجي غزلن ۽، گيتن کي نکاري يار ڇڏيو.

ڪير آهي جو غريبن جو ڪري جڳ ۾ ڀلو،
هت تہ هرڪ آدمي، پيو ڪٽي تن جو ڳلو.

آڌ کان انصاف قدرت جو انڌو ٻوڙو رهيو،
ڪنهن بہ حق انصاف جو، ڪيئن ملي ڪنهن کي صلو.

جنهن جي دم سان هي ڪلون ۽ ڪارخانا ٿا هلن،
محنتي مزور کي، هرڪو هٽي منهن ۾ خلو.

ووٽ گهرندا وات ڦاڙي، ڪوڙا دلبا نت ڏين،
هر سياسي هت ڪندو پيو، ڪُوڙو واعدو ڪوڪلو.

ڪيترا انسان روٽيءَ لئہ ڪڍن فاڪا ڪشيون،
ڏن پتي گهر ۾ ٿا کائين، ماس ٻيو مڇي پلو.

ڪيترا ڦٽ پاٽ تي، ماڻهو رهي ڪن ٿا گذر،
چڻ جئين ڪيڙيون مڪوڙيون، ڏس جيئڻ جو حوصلو.

سڀ بغاوت جو ڪريو، نعرو بلند هر جوءِ تي،
اي مزدورو سڀ اٿو، ڪاهيو وڌو اڳتي هلو.

حق گهرڻ سان ڪين ملندو، آ. ڪٿي دنيا اندر،
خون پڻ ڏيڻو پوي ٿو، حل ٿئي پو مسئلو.

ڪجھ وٺڻ کان اڳ ڏيڻ لئہ، ڪرڻ گهرجي انقلاب،
انقلابن جي ڪرڻ سان، جڳ ۾ ٿئي ٿو زلزلو.

پل مرن ماڻهو حقن لئہ، هونئن بہ مرندا ٿا رهن،
موت سو آهي اَمر، جڳ ۾ وجهي جو ٿرٿلو.

تون جي ايندي سهڻا سپرين، دل جي ويران محلن ۾،
سونهن ٻه پرجي ويندي من ۾، تو لئِہ منهنجي غزلن ۾.

تو لئِہ منهنجي هر رچنا ۾، پيار ئي پيار جو واس رهي،
موتي مڙهجي ويندا منهنجي، شعر جي ساري لفظن ۾.

جڏهين راڳڻي ڇيڙي دل جي، ڪڍندس مان آلاپ مٺا،
اَمرت اوتي مالڪ ويندو، منهنجي ساري گيتن ۾.

ڏوم مچي ويندي دنيا ۾، تنهنجي منهنجي اُلفت جي،
سرهو رهندو عشق اسانجو، جيئن گل مهڪي گلشن ۾.

جڏهين ستارون سر آلاپي، ڇيڙيندين ڪي راڳ مٺا،
ناچ ٻہ وجهندا ڏڪڙ ڍولڪون، ڇيريون وڄنديون ٻاجن ۾.

تنهنجو منهنجو پيار ازل کان، جنم جنم پيو روپ مٽي،
چڻ تہ املھ ڪو ماڻڪ هيرو، سونهين ٿو شاهي تاجن ۾.

ڌرم جي ديڳ تپي ٿي جنهن دم، ٻرنديون انساني ڪاٺيون،
مذهب جو پڻ زهر سمورو، آهي ايراني عربن ۾.

سڀ ڪجھ چوندي آخر ۾ مان، عرض ڪريان توکي سڄڻي،
خواب سڄايان هردم وينو، تو لئِہ 'پياسي' پلڪن ۾.

اڪين ۾ طوفان هزارين، سڄندا گجندا روز رهن،
ننگو ڪريان مان تن نانگن کي، ڪوڙ مذهب آ ڌرمن ۾.

سڀ ويد چون ٿا جيون ،هي، انمول خدا جي نعمت
هر سواس ڏنو آ سائينءَ جو، ان سواس جي ڪا به نه قيمت

هي رنگ تماشا دنيا جا، هي موسم مستيءَ جو عا
هي قدرت آ ان قادر جي، ڇا ٻئي جي اهڙي طاقت

هي چنڊ ستارا ڌرتي پڻ، هي پربت نديون نالا س
ڪو آهي ٻڌائي ان جهڙو، ڪنهن ديوَ ۾ اهڙي جريت

انسان به خلقيو ٿس ڪهڙو، ڇڻ سندرتا جو روپ س
هر هڪ جي روح ۾ خود ٿو وسي، هر روح سان ان جي الفت

ٿا سهڻا سهڻا گيت ٽڙن، ٿا ان ڏين گل ڦل م
جيون جو سارو ساز وڃي، هر ڪڻ ڪڻ ۾ سا قدرت

ايجاد ڪري ڏس انسانن، ڌرتيءَ تي ڪهڙو سرڳ ڪ
هي عقل به آ ان خالق جو، ڇا انساني هي حرڪت

انساني گڻن جو ڳالهه ٻڌو، هي خود جي ضمير جا قا
هي خون وهائن انساني، هي تن جي پنهنجي خصلت

هر مذهب تن ايجاد ڪيو، پر نانوَ خدا جي اوٽ و
هي مرن ٿا پاڳل مذهب لئه، هي 'پياسي' تن جي فطرت

سو اڄ امريڪي يگيہ جو، گھوڙو خوب ڊوڙي ٿو،
جي دنيا جي ملڪن ۾، جھنڊو دولت جو ڪوڙي ٿو.

لي ٿي حڪمراني اڄ، جھان ۾ پونجيوادين جي،
روسي رئيسن اڄ ڪلھ ۾، رڳو پاٽي ولوڙي ٿو.

ڪڏهين هو اوچ روسين جو، ڪندا بلغاري هٿا ياشڻ،
سو اڄ بيوسي تن جي، هو خود جو روح روڙي ٿو.

ڪروڙين ويا مري ماڻهو، غريبن ۽ اڀوجهن جا،
برابر جيئڻ جي حق لئہِ، بہ ماڻهو ڇا نہ لوڙي ٿو.

مغز هو مارڪس جو پڻ، جھان ۾ سڀ ڪان لاثاني،
فلاسافي اڌوري وئي، عقل چڻ دم ٽوڙي ٿو.

رڳو اڄ مائوسي تنگ جو، ملڪ اڄ خوب ٿو ٻولي،
ڪڏهين ڪو بم ائٽم جو، زمين ۾ پنھنجي ڇوڙي ٿو.

هي ناٽو ملڪ دنيا جا، لڳن ٿا ائٽمي گھوڙا،
سندن سامھون نہ ڪو ٻهندو، هٽن ڪي هرڪو جوڙي ٿو.

هي پونجيوادي شهنشاھ، آ طاقت ور بڻيو اهڙو،
وقت جي وهڪ ڪي هردم، امريڪي صدر موڙي ٿو.

غريبن جي مقدر ۾، لکيو مالڪ انڌيرو آ،
ڏسو انصاف قادر جو، مٽو ڪيئن خود جو ڦوڙي ٿو.

قصيدا هٿ لکون کهڙا، قصيدن کان جدا آهيون،
اسين هر وقت جا ماريل، لڳي ٿو سي بندا آهيون.

اسان جي سوچ آ نياري، ٻه هرهڪ کان الڳ جڳ ۾،
اسين پنهنجي خدائيءَ جا، ٻه يارو خود خدا آهيون.

جيئون ٿا ڪيئن خبر ناهي، مرڻ جي چاهه ۾ تڙڦون،
خبر ناهي الاهي ڇو، زماني کان رنا آهيون.

ڏکن ڏاري وڌو دل کي، سڙي ٿي سوچ سيني ۾،
نه پرکي ٿا سگهون پنهنجا، ۽ غيرن ۾ منڌا آهيون.

هتي لوفر لفنگي کي، سلاميون ٿا ڪريون هر دم،
لڳي ٿو چڻ انهن کان هٿ، ڪٽندا ڪي ڪنڌا آهيون.

اسان تي ستم ٿيو اهڙو، سياسي مذهب خورن جو،
اسين انصاف جي نرگهٽ ۾، اٽڪيل ڪي ڪنڌا آهيون.

جلاوطني پيري جيون، جيئڻ جي ڪيئن رکون چاهت،
لڳي ٿو آئينده ۾ پڻ، جهڪايون سي ڪنڌا آهيون.
صدين کان قوم سنڌين جي، ڏسو ڪيئن ڪيئن ڏني آهي،
اسين انهاسي ورقن ۾، ٻه تازو پڻ ڪُنا آهيون.

سدا سنڌ کي اجان ساريون، اسان جي ماءُ آ سنڌڙي،
وساريون ڪيئن پلا جيجل، اسين ان جا ٻچا آهيون.

فت وهندڙ چڻ ندي آ، وقت سان وهندا هلو،
ل تقيڙا غم خوشيءَ جا، کلندي سڀ سهندا هلو.

نگ جي خوني جگر مان، سڀ ڪڍو بارود کي،
من سان ساري جهان ۾، سڀ ملي رهندا هلو.

و مذهب ديوار دلين ۾ وجهي ڪاٽي ڇڏيو،
پ خدا جو نور آهيون، گڏ کلي چوندا هلو.

پ ٻڌو آواز پنهنجي، اندر جي اولياءَ جو،
وڙ قلفت جي زهر کان، سڀ سدا ٽهندا هلو.

اءُ پيءُ ۽ ڪل وڏن کي، عزت ۽ احترام ڏيو،
ن جي قدمن تي رکي سر، پيري پڻ پوندا هلو.

ڪ خطي کان ٻئي خطي تائين رهو پائر ٻڌي،
يار پنهنجو آهي مرشد، پيار سان سُهندا هلو.

ر سياسي پنهنجي طاقت لئِه اچڻ چاهي رهيو،
ال تن جي سڀ سچائي، پوءِ پلي ٽهندا هلو.

پ ڪريو وهنوار سچ جو، ساک پڻ سچ جي پريو،
تمائون ڪوڙ جي لئِه، ڪين ڪي ڪهندا هلو.

ير کان وڏ وڻ زخمي، تو ڪري ڪوڙاڻ جو،
ات جي ويٽن کان پاسو، پڻ ڪري لوندا هلو.

ڏند ڏرمي ڪڙري نانگ جا، ٽوڙي ڪٽي اچون،
پهرين تہ اهڙو هنر بہ، ڪنهن ڪان سکي اچون.

ڪجھ شعر لکون اهڙا، جو گرجن پيا شير جيان،
ڪتن جي ڀونڪ جهڙو، غزل ڇو لکي اچون.

ڀل ڪامياب ڪين ٿيون، حقن لئہ لڙون،
هن زندگيءَ ۾ موت جو، منتر پڙهي اچون.

هرگز گوارا ڪين ڪريون، غربت کي گار ڏئي،
اهڙي ڪميٽي عيار کي، ڦاڙي ڦٽي اچون.

جيڪي وطن کي پنهنجي، ڀلائڻ جا واعظ ڪن،
دانگي انهن جي منهن تي، گهرڙي مکي اچون.

شنڪر بڻي جهان لئہ، پئون وش ڇو سمورو،
چاڙهي ظلم صليب تي، ڪنهن هَنڌ ٽنگي اچون.

اسين پنهنجي وطن جي درد ۾ يارو مئا آهيون،
اسين سياسي سياست جي، ڪندا اهڙي جوئا آهيون.

اسين ويٽن جي تيرن کي، تڪو هر دم ڪريون زهري،
ڪريون زخمي جگر هئي جو، اسين اهڙا سئا آهيون.

اسين خود کي مٿي چاڙهي، ڪنداسين حق غضب هئي جو،
اسين ڪتريون لهو هئي جو، اسين اهڙا ڪوئا آهيون.

اسان ۾ رحم جو جذبو، بہ خالي بس زباني آ،
وڏايون روڳ پڻ هئي جو، ڪندا اهڙي دوا آهيون.

هئي کي ڪم عقل چوندي، جتايون برتري پنهنجي،
اسين سمجهي سچو خود کي، ڪريون جو ڪجه روا آهيون.

زبانون پڻ سدا ڪوڙيون، رکون ٿا پنهنجي واتن ۾،
ٻيلي ڪو سير ٻيو هوندو، اسين ان کان سوا آهيون.

نہ دارونءَ کي جهلي سگهندا، ڪندا سيئي نشو هردم،
ضرورت پل تہ هڪ ڏڪ جي، مگر پئندا پوا آهيون.

ڏسو پرميشور پنهنجو، رهي ٿو پنهنجي روحن ۾،
اسين ان سچ سهٽي کي، ڪندا ڪارا توا آهيون.

آتشي ڪي لفظ ڪنهن جي، روح ڪي روڙي وجهن،
انگ اکر انسانيت جا، خود بہ خود ڀوڙي وجهن.

ڇا ڪجي اهڙن اپاڻن جو ذڪر اي دوستو،
ويڻ روپي تير ڪنهن ٻئي جي مٿان ڇوڙي وجهن.

دوستي ۽ دشمني، هلندي رهي ٿي روح ۾،
پر اهي محبوب ڇئجن، جي دليون جوڙي وجهن.

ڪجھ بهارن جو اثر، ۽ ڪجھ خزائن جو اثر،
ڪي مندون برسات جون، ڪارا ڪڪر ميڙي وجهن.

دشمنيون ڪي اهڙيون خوني، پڻ ملن دنيا اندر،
زخم روحن جا اوديڙي، خنجر ٿيون ڪوڙي وجهن.

جن جي روحن ۾ محبت جون سدا باهيون ٻرن،
سي سدا پاڪر پريمي، خود اڇي ڊوڙي وجهن.

جيئڻ جي چاهت وجي گهٽ ٿي مرڻ جي شونق ۾،
ڪي زري اَمرت جي وجهندي، زهر ڪي ٽوڙي وجهن.

ستون ڳڻ ۽ رجو ڳڻ ڪڇ تمو ڳڻ ۾ پريل ماڻهو،
لڳي ماڻهو نڪو مڪمل، لڳي ٿو آ ڪريل ماڻهو.

ٻڌو انسان جا ڳڻ ۽ سندس سارو هي افسانو،
رڳو دوکو ٻيائي ۽، فريبيءَ تي هريل ماڻهو.

شرم کي هو ڪري ڪاڏو، رهي بيشرميءَ سان خوش ٿو،
لڳي شيطان جو پتلو، خرافت ڏي سريل ماڻهو.

مکوٽو منهن تي چاڙهي، شرافت ۽ سچائيءَ جو،
هلي وهنوار ۾ ڪوڙو، غلافت کي چريل ماڻهو.

ڪندو پيو اَمن جون ڳالهيون، مگر بڻ جو اصلي وحشي،
ڪندو جنگ ٻونگي مذهب لئِہ، آ وحشت تي پليل ماڻهو.

هي ائٽم بم دنيا ۾، بہ ناهن قتل غارت لئِہ،
ڪندا ڏرتي ڳيا ڳترا، هي هنسا سان مليل ماڻهو.

اچو ڏيون لقب ماڻهوءَ کي، جناور هي سدا ويڙهون،
ڳدڙ کي پولڙا لومڙ، ڪتن ڏي کي جهڪيل ماڻهو.

هي دشمن وطن جا ويري، وطن جو ٿا برو چاهين،
سندن مذهب نہ اعليٰ آ، مٽي جا هي ڦريل ماڻهو.

ويرَ پالي هڪ ٻئي سان، اڄ نيايون دشمني،
اڄ وسايون پيار جي، دل ۾ ملي جا روشني.

اختلافن کي وڌائي، باھ جيان پڙڪايون سڀ،
زهر جو پنهنجي دلين ۾، سا چکيون جيئن چاشني.

پاڻ کي جيئڻو نہ آهي، امن ۽ اخلاق سان،
اڄ تہ ڇيڙيون نفرتن جي، ڪائي نانگڻ راڳني.

پاڻ هڪ ٻئي جي جسم جي، ڪل اوڏيڙيون پيا سدا،
پيل ڪري ديدار پنهنجو، خوشنما ڪا درسني،

ويڙ هڪ ٻئي کي ڪڍي، پيا وڍيون پنهنجا جگر،
گار گند جي پوڪ پوکي، سا لٽون پنهنجي ٻني.

پاڻ خود جو ماڻهپو، ماري ڇڏيون پاڳل ڪري،
وحشي دولت جا ٻٽون، ساري جهان ۾ پڻ ڏني.

پيار جون پوتيون جلائي، حسن کي چلڙي ڇڏيون،
عشق جون ڪيئي ڪهاڻيون، پنهنجون ٽينديون ضامني.

هڪ ٻئي تي گوليون ڇوڙي، پيا مسيتن ۾ مرون،
پاڻ هڪ ٻئي لئہ چئون پيل، مر شيعا پيل مر سني.

(پاڪستان ۾ سني شيعن جي جاتيوار فسادن کان متاثر ٿي لکيل)

ڪاشيءِ ۾ آهي جو ڪابعي ۾ آهي،
پٿر ئي پٿر جو ڀڳوان آهي

اسان ڌرم مذهب جون ٻانگون ڏيون ٿا،
اسان جي اندر وينو شيطان آهي.

رکڻ برتري پنهنجي چاهيون جهان ۾،
اسان جو عقل پڻ ڪو مروان آهي.

ڪريون سر قلم ڌرم ۽ دين جي لئهِ،
هان ماڻهو به وحشي ڪو حيوان آهي.

رسم ۽ رواجون الڳ پنهنجون ناهيون،
اسان ۾ گٽي ڪين گٽوان آهي.

سڏايون ٿا خود کي يهودي عيساعي،
هندو ڪوئي سڏبو مسلمان آهي.

اڇو جنگ جوٽيون جهان ۾ ڌرم جي،
جو ڏاڍو مڃون سو نگهبان آهي.

اسين سڀ مَرن جي لڳون ونس جا ٿا،
اسان ۾ نه ڪوئي ٿيو انسان آهي.

جو انسان سڏائي، مڃون سو خدا آ،
جو پوڄائي اُلفت، سو اڳوان آهي.

ٻڌايو خدا کهڙو سيني لڳايون،
خلق اڄ جهان جي پريشان آهي.

اڇو نئون خدا پنهنجو هڪ ئي بڻايون،
هي شاعر 'پياسي'، جو ارمان آهي.

اڄ تہ ڏاهيون سڀ مسيتون، مندر سڀ ڀوري ڇڏيون،
هن نئي يگ لئہ نئون ڪو، چنگ پڻ چوري ڇڏيون.

پاڻ سڀ انسان آهيون، سڀ جيئون انسان ٿي،
هي مذهب مردود جڳ ڪان، ان مٿان گهوري ڇڏيون.

هڪ پتا پرميشور آ، پڻ خدا ان ڪي مڃون،
اڄ تہ مالها ان سکيءَ لئہ، پر يم جي سوري ڇڏيون.

ڪيترن ئي جڳ جڳن ڪان، خون جون نديون وهيون،
اڄ سچو انصاف طلبي، ڪفر ڪي ڪوري ڇڏيون.

هن سهاڻيءَ ڀونءِ ڪي، سڀ پيار سان جنت ڪريون،
دک ۽ سک گڏجي ڀوڳيون، حال دل اوري ڇڏيون.

جو بہ انسان آ زمين تي، پيا گلي ان سان ملون،
روح جي ڪوڙاڻ جو، سارو محل ٽوڙي ڇڏيون.

هي لڳي ساڪار سپنو، سڀ ملي ڪوشش ڪريون،
اَمن ڪي آڏو رکي گر، جنگ ڪي توري ڇڏيون.

گرجا گهر ۽ ٻوڌ مٺ سڀ، اڄ تہ گڏجي سڀ ڀڃون،
اڄ جو سارو دين مذهب، ساڙي سڀ ڀوري ڇڏيون.

نئون ڌرم ناهيون جهان لئہ، هڪ ٻئي لئہ پيار جو،
اڳ جي گيتا قران سڀ جون، ڏس دليون جهوري ڇڏيون.

ٻڌو هي داستان يارو، هي دنيا قتل خورن جي،
شريفن جي نہ هيءَ دنيا، لڳي ٿو آھ چورن جي.

هلي وهنوار ٿو ڪوڙو، نہ سچ جي سونهن ڪي پرکن،
هي دنيا نانگ ڪارن چٽ ڪمرن ۽ آھ نورن جي.

هي ماري ٻين جي حق کي، ڀريندا پيا ٽجوڙين کي،
ڪندا هر ڏوھ غربت سان، هي دنيا رت خورن جي.

اَمن جي لاک لاهيندا، ٻڌائي بم ائٽم جا،
سچا هلندا شريفن جيان، رمز هي جنگ خورن جي.

جيئڻ هيٺا جي چاهيندا، ڪندا تن جون ٽنگون ٽيڙيون،
هلن هرفن ٻٽي موليا، هي دنيا تن آ مورن جي.

رکي جي ماڻهپو جڳ ۾، جيئن ٿا کي جيئا راھت،
هي دنيا ڪين آ تن لئہ، هي دنيا آھ ڦورن جي.

ڪندا سر قلم هت ماڻهو، ٻئي جو ڍونگي مذهب لئہ،
هي وڻندا آڙ مذهب جي، هي دنيا وحشي ڍورن جي.

هي قاتل عرب ڪان ڏکجي، سدائن هند ۾ صوفي،
نہ آهن سنت سي صوفي، هي دنيا لٽ خورن جي.

هي سرڪش خون جا پياسا، ٻئي جو ڏرم ڪاريندا،
سڏائن سي قلندر تن جي، دنيا ڍونگي پيرن جي.

قصيدا هت لکون ڪنهن جا، هتي ڪيئي خدا آهن،
هندو مومن عيسائي سک، جينين جا مدا آهن.

سچو ٻڙ ٻڙ گهوٽالو آ، ڌرم ۽ دين جو جڳ ۾،
ڏسون ٿا رحم کان خالي، ۽ ظالم پڻ جدا آهن.

ڪريون اوگهڙ پلا ڪنهن جي، ڪريون شڪوا گلا کهڙي،
اسان جي قلم جي دز ۾، رفيقو سڀ ننگا آهن.

گهڻ ٿا قلم کي شاعر، لکن سچ ڪوڙ پيا ڪيئي،
پلي تخلص اٿن پيارا، مگر خود کان جدا آهن.

وڏيون ٽوپيون سڏائن ٿا، لکيو جن وقت کان آهي،
ادب جي اوٽ ۾ تن کي، مزا ئي سڀ مزا آهن.

کڻن رئليون ڏئي دولت، هٽائن هو سدا نعرا،
سندن جا قافلا ڪوڙا، ۽ ڪوڙا سڀ جٿا آهن.

لڳائي باھ آ جڳ ۾، سياسين دين مذهب جي،
ڪٺيا ڪيئي ابوجهن ۽ غريبن جا گلا آهن.

متان دل کي لڳايو هت، عشق آزاه آ يارو،
حسن وارا ازل کان ئي، ٻڌاسين بيوفا آهن.

رکو هت ڪوڙ ئي ناهي، مٽيا ڪن ۾ ملي ٿي ڪجھ،
لڳن ٿا ديوتا وانگر، ڪي سالڪ پڻ سچا آهن.

کريان ٿو ذڪر ماڻهوءَ جو، نہ ماڻهو ڪي سڃا آهيون،
اسين پنهنجي اعمالن کان، بہ يارو سڀ مڃا آهيون.

اسان کي جنهن ڪيو پيدا، اهو خالق جهان جو آ،
اسين مالڪ ديالوءَ کان، دلين ۾ سڀ رٺا آهيون.

اسان خود پنهنجي دنيا جو، ڪيو بيڙو غرق آهي،
وڌون ٿا سڀ بڻي وحشي، اُلوءَ جا چڻ پٺا آهيون.

لڪي پوتيون مٿي ودوان، خود کي ٿا ھلون جڳ ۾،
لڪون سچ ڪوڙ قلمن سان، چنيون ڪوڙيون چنا آهيون.

ڌرم ۽ دين تي دنگا، ڪريون ٿا ساري دنيا ۾،
اسين سڀ ٻونگي مذهب لئہ، صدين کان هٽ ڪنا آهيون.

اسين هر ساهہ واري کي، محبت يان ڏيون نفرت،
نہ سوچي ٿا سگهون سڌو، عقل ۾ ڄڻ ڄٽا آهيون.

صديون گذريون جنم وٺندي، نہ خود کي پاڻ ٿا ڄاڻون،
اسين هر راهہ ۾ ڀٽڪيل، منزل سُڌ جا لٽا آهيون.

اسان تهذيب ساريءَ جي، صدين کان سونهن جا وارث،
اسين موهن دڙي جي قوم جا، ماڻهو ٻڌا آهيون.

ڪريون پوجا پٿر جي، مديني حج وڃون پيٽڻ،
اسين بيمار روحن جا، غلط سوچي گنا آهيون.

ڪري ترقي رسياسين چنڊ ۽ ڪي منگل گرهن تي،
ڪڏون فاڪاڪشي ڪيئي، بدن ليڙون لٽا آهيون.

ڏسو ترقي پسند شاعر، اوهين ’پياسي‘ کي غزلن ۾،
شعر سچ جون ٻرن ساکون، چوڻ ۾ پڻ تکا آهيون.

باھ جي ھي پيٽ ٽيندو، بخملي منھنجو بدن،
پر خدا جو آ قسم، وسري نٿو سنڌو وطن.

ھان تہ مون سانڍي رکي، اُلفت وطن جي واسطي،
مون لئہ آ روئي زمين تي، سنڌ جو سھڻو چمن.

جت پٽيون منھنجون اکيون، سا سر زمين سنڌ جي ھئي،
سرڳ کان وڌ سرڳ ڀومي، سون آ جنھن جو ڳڳن.

اُت سدا ٻولي ٻڌيسين، شاھ جي واين سنڌي،
پيار ھندو پيار مومن، پيار سڀ لئہ ھو اَمن.

اڄ بہ سنڌ جي ياد ۾، سمنديون رھن ھردم اکيون،
کنھن مذھب جي آڙ ۾، سنڌ سان کيو کيڏو عبن.

ڪاش پنھنجو وطن پنھنجي، موت کان اڳ ۾ ڏسان،
آخري منھنجي جسم کي، پيو ڇُھي سنڌ جو پون.

ڪيترو سندر ۽ سھڻو، آ وطن ھو دوستو،
سڀ دعائون دل جون ان لئہ، آ 'پياسي' جو سخن.

سنڌ ۾ آ ساھ منھنجو، سنڌ آ منھنجو مقام،
ناز آ مونکي سنڌيت تي، ھر سنڌي سھڻو رتن.

جو ڇئون ٿا ڪوڙ سارو، سچ نہ ڪو سيبائي ٿو،
گند گفتن جو سمورو، آدمي ڳرڪائي ٿو.

اَمن ۽ اخلاق جا، هوڪا ڏيون ٿا ادب ۾،
سچ تہ جنگ کي هي جهان، سارو ڳلي سان لائي ٿو.

هي سچو سنسار آهي، خود غرض ۽ خونخوار،
ٿي هلي دهشت انگيزي، سيڪو ان کي ڀانئي ٿو.

ڪٿ مرن مذهب مٿان ٿا، ڪٿ مرن ٿا ڌرم لئِہ،
ڏوڪو ڪائيندي مغز خود جو بہ ماڻهو کائي ٿو،

پيار جو هڪ سلسلو، آهي پويتر پاڪ پڻ،
نار ۽ نر بيوفائيءَ جو ڦندو پڻ پائي ٿو.

ڏپ نہ آهي ايشور جو، هر بني انسان کي،
ايشور پنهنجا سَوَنِ ۾، آدمي هٿ ٺاهي ٿو.

ماڻ تہ سمجهان ٿو اسين، لائق نہ ڪنهن بي لُلَ جا،
ڪُلهڙا ڪامي سيبئي، ڪام چاٿو چاهي ٿو.

حد ڪان بيحد جي حد کي، سڀ لتاڙي ٿا وڃون،
سڀ مِرون آهيون اندر ۾، هرڪو تاوڻ تائي ٿو.

لعنتون ڪيڏيون اندر وار وجهي انسان تي،
پر اسين ٻوڙا انڌا، هرڪو مڪوڙو پائي ٿو.

زندگيءَ جو ملھ گهٽي ويو، هيءَ عجب آ ماجرا،
جم وڏي ويو هر جنس ۾، موت پڻ گهبرائي ٿو.

هر ماڻهوءَ ۾ ايگو آهي، هر ماڻهوءَ ۾ تڪبر آ،
دل ۾ هرڪو خود کي سمجهي، هوئي جهان ۾ سڪندر آ.

ظلم جو راڄ هليو هو هند جي ماضيءَ ۾ مغلن جو،
غير تہ آخر غير ئي ٿيندو، پلي جي هوندو اڪبر آ.

پنهنجو مذهب پاڪ چئي جو، ٻئي جي مذهب کي لوئي،
وحشي فطرت وارو هر هنڌ، خود کي سڏائي قلندر آ.

خون جي هولي کيل مذهب جو، عربن کان هت آيو،
ڪيڏو ستم ڪيو ايرانين، قاسم خوني نادر آ.

خوب لٽيو هو افغان پڻ، هند ۽ سنڌ جو مال سدا،
هر افغاني صديون پراڻو، قاتل ظالم جابر آ.

پلي تہ سيني لايو انهن کي، دل ۾ رکندا وير سدا،
اسان هندن کي سدا هو سمجهن، واٽيو ڪوڙو ڪافر آ.

اڄ بہ هلن ٿا غيرن جيان هت، هند کي ٽڪڙا ڪيو اٿن،
خون جا ريلا اڃان وهائن، مذهب تن جو هٽلر آ.

مري ويو جرمن جو ظالم، مئو جپاني توجو پڻ،
نئون خميني ايرانين جو، ڏنوسين خوني مدبر آ.

طاقت ور هو روس ڏنوسين، اسٽالن ۽ لينن پڻ،
اڄ جو روسي امريڪن اڳيان، بيرو چڻ ڪو ٻٽلر آ.

مان ٿو سمجهان هر هڪ ماڻهو، داس رهي ٿو طاقت جو،
جنهن وٽ ڌن آ ان جي ساري، پيو هت پير جو پادر آ.

اسان سنڌوءَ جي پاڪ ندي جو، اَمرت اوتيو روحن ۾،
پلي رهون پيا ڪٿي 'پياسي'، ماءُ بہ سنڌ ۽ فادر آ.

تون رهين خوش ۽ رهان مان، خوش رهي سارو جهان،
پيو خوشين جون بوندون هردم، گر وسائي آسمان.

سڀ وساري موت جي، آمد جو افسانو ڇڏيون،
زندگي ٽڙندي رهي پل، جيئن ٽڙي ٿو گلستان.

پيا کلون ۽ خوش گذاريون، پيار سان سڀ سان ملون،
پيار سان ساري جهان جو، پيا هلايون ڪاروان.

ڇڏ گلا شڪوا جون ڳالهيون، وقت جي هر سور جون،
سور ساٿي ڄڻ جنم جا، هر ظلم هت پاسبان.

زندگي هيءَ محض هڪ، اتفاق آهي دوستو،
خواب آ سارو فسانو، خواب جو ڪهڙو بيان.

پل لڳن ميلا اديبن شاعرن جي ادب جا،
پيا گلابي گيت گونجن، ۽ نشيلا غزل جان.

اَمن جا گونجا هوا ۾، مست ٿي لڏندا رهن،
سڀ مٽايون هن جهان مان، جنگ جو نامو نشان.

ڇا هتي ڪولي وهيون، غربت اميرن جون وهان،
آد ڪان انصاف قدرت جو انڌو آهي مهان.

زندگي پنهنجي مختصر، آ عزيزو ڪجھ گهڙيون،
ڇا انهيءَ جو مان لڪان، اڪرن ۾ ڪوئي داستان.

سنڌ جون ڳالهيون ’پياسيءَ‘ سان متان پلڃي ڪريو،
بند ڳوڙهن جو ٽٽي پوندو سندس رئندو جوان.

•

پريشان زندگي پنهنجي، پريشان هي جهان آهي،
ظلم جو زور آ هر جا، وقت اهڙو روان آهي.

نہ آهي چين دنيا ۾، نٿو ڏسجي خطو اهڙو،
وسي ٿي بک آندن ۾، ستمگر آسمان آهي.

وچون کھڙي خدا جي گھر، خدا اچ کله لڳن نقلي،
درست گاهون صرف دوکو، خدا ٿيو بي زبان آهي.

وهن ٿا خون جا ريلا، افريڪا ايشان يورپ ۾،
نہ روڪي کو سگھي تن کي، نہ اهڙو رحنمان آهي.

نراشا جو انڌيرو آ، نہ آشا جي ڪرڻ پسجي،
جيئون ڪنهن جي سهاري هت، نہ ڪوئي مهربان آهي.

حياتي هار کائي خود، وڃي ٿي موت ڏي وڌندي،
مرڻ جنهن جي مقدر ۾، ختم تنهن جو بيان آهي.

لڳي پل جنگ ائٽم جي، فنا ٿئي پل جهان سارو،
اَمن جو پوءِ ڌرتيءَ تي، ڪور هٽو آشيان آهي.

گھرون ڪنهن لئہ دعائون هت، هي مخلوقات آ وحشي،
هي وحشن جي لڳي دنيا، نہ ماڻهو ڪو مهان آهي.

نہ انسان کي وٽي انسان، وٺن بت خاص پٿر جا،
ملهائتو اچ لڳي ناٽو، ڏنو 'پياسي' توهان آهي.

ري بازار ۾ انسان جي فطرت ڏسون وينا،
کوڙي قربدارن جي به هٿ الفت ڏسون وينا.

ين نفرت وٺن نفرت به ماڻهو هڪ ٻئي کان هٿ،
هر ۾ پڻ هڏل گفتار جي گرفت ڏسون وينا.

سون ٿا ظلم کي نچندو، کري پيو ناچ ناچؤءَ جيان،
ناور کان به بدتر کان به بد وحشت ڏسون وينا.

ڪريون ڇا ذڪر ياريءَ جو، ڏکي ٿو روح يارن کان،
ٽن دشمن به دلوارن جي هٿ نفرت ڏسون وينا.

ڏيا ماڻهو ائين ڇڻ هٿ، وڏيون کيڙيون مڪوڙيون هٿ،
رڻ لئه مذهب جي دنگن جي پڻ دهشت ڏسون وينا.

ڏا ڏند موٽ جا ٽيندا وڃن ٿا آدمي ڏسندي،
ڏون ٿا بيوسي ان جي، به ڪجھ حسرت ڏسون وينا.

ڪومت هيءَ هلي ڪيئن ٿي، به ڀارت ديس جي يارو،
ڇي هن شرستي نکمي جي پڻ حرفت ڏسون وينا.

ڪر ڪهڙوءِ ڪنهن ڪنهن جو ڪريون سوچي به ڇا سوچيون،
ولاٽيون ڪائيندي خود جي به خود حيرت ڏسون وينا.

اسين پئداش يونيءَ جي، اسين اولاد سڀ لِنگ جا،
الڳ چهرا ٻه هرهڪ جا، اسين سڀ ڪين هڪ رنگ جا.

اسين سڀ بيسرا آهيون، نه سُر ۽ تان کو ڄاڻون،
اندر جون تارون سڀ ٽڙڪيل، سريلا ڪين سڀ چنگ جا.

نشوڙي سڀ اسين ماڻهو، نشو هر ڪنهن جو آ پنهنجو،
پئن وسڪي برنڊي ڪي، ڪي شيدائي لڳون ڀنگ جا.

صحت سازي نه ٿئون اهڙي، ڀريون دم ڪين ٿا اهڙو،
اسان جو روح پڻ روڳي، اسين بيمار هر رڳ جا.

جيئڻ جو ڍانءُ ڪجهه اهڙو، نه مقرر ڪو ڪيون پنهنجو،
اسين راهن ۾ سڀ ڀٽڪيل،نه واقف ڪنهن لڳون ڏڳ جا.

مکوٽا منهن تي چاڙهي، اسين ملندا رهون سڀ سان،
نڀايون ڪين ڪا ياري، اسين دوست ڀلي ڀڳ جا.

دغا خود سان ڪريون پنهنجي، ضميرن کي سدا نوچيون،
ڪريون سچ کي سدا ڪوڙو، اسين ڄڻ چور سڀ ٺڳ جا.

وفادري ڪتي جهڙي، ڪري پڻ ڪين سگهنداسين،
اسين ماڻهو نه سڀ ماڻهو، مِرون سڀ ٿا لڳون جهنگ جا.

اسين سڀ لالچي لومڙ، اسين هر فن لڳون مولي،
مڪر اهڙو ڪري ڄاڻون، ٽنگن هوندي پڳل ٽنگ جا.

اسين عيبن جو گهر آهيون، ڪريون دوکو خدا سان پڻ،
اسين پنهنجي وڏائيءَ جا، ڏيون هوڪا ٻه هر ڍنگ جا.

اهنسا پرمو ڌرم ٿيندو نہ آ،
ڪائرتا سان ڪو ڪرم ٿيندو نہ آ.

ڪين گهرجي واد اهنسا واد جي،
وقت هنسا جو نرم ٿيندو نہ آ.

ڪو ڌرم ۾ دين ۾ ناهي ملان،
غير پڻ ڪڏهين پرم ٿيندو نہ آ.

دوستن سان ئي تہ ٿيندي دل لڳي،
تن اڳيان ڪوئي شرم ٿيندو نہ آ.

ايشور سڀ جي رهي ٿو روح ۾،
عقل کي هرگز ڀرم ٿيندو نہ آ.

سخت حاڪم ئي هلائي راڄ کي،
قائدو ڪوئي نرم ٿيندو نہ آ.

ڪوڙ ڪدڙا پل هجن ڪنهن گهر اندر،
سو حقيقت ۾ حرم ٿيندو نہ آ.

جوش ۽ جذبو جوانيءَ ۾ رهي،
گر ٻڍاپو پڻ گرم ٿيندو نہ آ.

(ڪرفيو ۾ لکيل)

بلا جو دور اچ آيو، ڏسون ٿا ناستيءَ وارو،
لڏي ويو آ زمانو سو، محبت دوستيءَ وارو.

ڪٿي هو اَمن پڻ اڳ ۾، هيا جنگ جا ڪڪر ڪارا،
خدا جي نانوَ تي دوکو، ڪيوسين بندگيءَ وارو.

هي انسان ذات آ وحشي، محض هي جانور آهن،
جناور بس جناور آ، لڳي ٿو آنسيءَ وارو.

هنن ِجو مذهب آ خوني، سدا رت پئندو انساني،
هي مسلم ٿي هندو وڙهندا، سندن رخ دشمنيءَ وارو.

خدا جو ڏوهه ڪجهه ناهي، خدا خود ٿو لڳي ڏيرو،
حڪومت ۾ نه آ هُن جي، وقت ٿس بيڪسيءَ وارو.

التجا آ خدا کي هڪ، وهن ۾ خون جون نديون،
مرن ماڻهو مڇن وانگر، آ ماڻهو دهشتيءَ وارو.

غريبي ڪين ڪا مِٽندي، اميري ۾ نه پئي اُسري،
صدين کان پيا ٻڌون جڳ ۾، وقت فاڪاڪشيءَ وارو.

لڳي ٿو روح ۾ منهنجي، جلي ٿي آڳ هڪ 'پياسي'،
مان چاهيان جنگ کي هردم، وقت نا شانتيءَ وارو.

(دنگن کان پوءِ لکيل)

اڇو نئون قران ٻڌايون،
گيتا جو پڻ گيان ٻڌايون.

اسين تہ سيئي وحشي آهيون،
ظالم کو پڳوان ٻڌايون.

هڪ ٻئي کي پاڻ چٽيڙيون،
هر هڪ کي شيطان ٻڌايون.

جنم جات کان آهيون ويڙهون،
ويڙهون سُرَ ۽ تان ٻڌايون.

ڍاهيون مسيتون مندر گرجا،
هر جا سڀ ويران ٻڌايون.

مسلم ۽ هندو پوڏين جو،
هر گهر جنگ ميدان ٻڌايون.

آگ لڳايون هر هڪ گهر کي،
گهر گهر کي شمشان ٻڌايون.

لڙي لڙائي سڀ ائٽم جي،
ڌرتيءَ کي بيجان ٻڌايون.

ڪنڌ پيا ڪاٽيون هڪ ٻئي جا،
خود کي سڀ ٻلوان ٻڌايون.

جيڪي ٻچون سي سوچيون خود تي،
صرف سچو انسان ٻڌايون.

هٽون ٿا لاف سڀ اهڙي، اسين انسان سڀ اعليٰ،
اسين ٻاهر سدا اُجلا، اندر شيدين جيان ڪالا.

پڇايون جوڳ پل ڪيڏو، نہ پايون پيار پريوءَ جو،
ڪريون دوکو خدا سان پڻ، وجهون ڪنڌ ۾ سدا مالها.

اَمن اخلاق جون ٻانگون، ڏيون درويش ٿا بڻجي،
اسين شيدائي سڀ جنگ جا، وجهون هر روح ۾ ڀالا.

صرف دوکو ڪري ٻئي سان، خوشيون خود سان ونڊيون هردم،
بڻون ٿا سرخرا هر هنڌ، اسين سڀ شرم کان پالها.

ضميرن کي ائين نوچيون، بگهڙ جيئن لوٽ کي نوچي،
اسان جي آتمائن تي، ٿين ٿا زخم ۽ ڇالا.

سڏايون نيڪ پرور ٿا، وڃون مندر ۽ مسجد ۾،
کنداسين سازشون دل ۾، وهايون خون جا نالا.

خرافت مغز ۾ وحشي، رهي انسان جي هردم،
سڏائي پيشوا ديني، خميني ٿو بڻي اعليٰ.

ڪري بانور عيسائي ٿو، تڪبر آ يهودين کي،
ٻڌو ٻوڏين جون ٻچڪارون، ڏيو ٻئي ٿرم کي ٽالا.

پل مذهب جو نانءُ تي، ماڻهو ڪهو پيا لڪن ۾،
اتر پارت ۾ ٻه ماريو، ۽ ٻيا ماريو دکن ۾.

محل وارو ڪونہ مرندو، مرندا هر هنڌ پيا غريب،
جهوپڙيون تن جون جلايو، ٻيا جلايو ڪکن ۾.

پاڪ ۾ ماريو ۽ بنگلا ديش ۾ ماريو هندو،
سنڌ تہ آ صدقي جي ٻڪري، اُت ڪسن هر سخن ۾.

لنڊن ۾ مندر جلايو، پاڪ بنگلا ديش ۾،
زهر پنهنجو پل اوڳاڙيو، جو پريو ٿوَ مٽن ۾.

هڪ ارب آهيو مسلمان، رعاب دنيا تي رکو،
تيل جا سڀ کوه اوهان وٽ، سون پيو ٿوَ پکن ۾.

آخري انجام ٿيندو، خون جون وهنديون نديون،
هندو مومن ٻئ عيسائي، سيئي مرندا ٻکن ۾.

پوءِ ڪيڏانهن وينديون مسيتون، مندر گرجا گهر سيئي،
پيا ڪندا انسان عبادت، صرف ويران بنن ۾.

پوءِ نہ هندو ۽ مسلمان، ٻئ عيسائي ليکبو،
ليکبا سڀ جانور، انهاس جي سڀ پنن ۾.

پل مرو پيا ڪيترا، ڪو فرق پوڻو ناهي هت،
زندگي هاري نہ هاري، موت پل آ هٿن ۾.
(ڪرفيو ۾ لکيل)

ڀل ڳلي ۾ موٽ جي، گهنڊڙي ٻڌي گهمندا رهو،
پيا پيئو رت هڪ ٻئي جو، ڏنت تي ڦرندا رهو.

زندگي ناهي گوارا، موٽ سڀ چاهيو ڀلي،
ڀل بڻي آواره جڳ ۾، سنت تي رلندا رهو.

سڀ مرو پيا دين جي، ۽ ڌرم جي دولاب تي،
هڪ ٻئي جو رت وهائي، مٽن تي وڙهندا رهو

ٿو سيکاري مذهب سڀ کي، سڀ وڙهو وحشي بڻي،
ديگيون چاڙهي دين جون، سڀ ٻنڌڻ جيان ٻرندا رهو.

ڀل سڏايو هندو مسلم، ٻڌ عيسائي سک وري،
زهر پنهنجي قلب ۾، هر دم وڌائيندا رهو.

پاڪ بنگلا ديش ۾، انگلنڊ ۽ هندستان ۾،
قبرون ۽ شمشان وڌائي، پوربا جلندا رهو.

ڀل ڪريو ڏوکو خدا سان، ۽ ضميرن سان سدا،
قران گيتا بائيبل جا، واعظ واچيندا رهو.

ماڻهو سڀ ماڻهو نه آهيون، محض آهيون جانور،
پيا اوڏيڙي هڪ ٻئي کي، پوءِ نوسيندا رهو.
(ڪرفيو ۾ لکيل)

اسان ڪاڏو سدا غم ڪي، خوشيءَ جو ڇا اثر آهي،
خوشيءَ جو روپ آ ڪهڙو، انهيءَ جي ڪجهه خبر ناهي.

زماني جو ستم سهندي، گذاريو هند ۾ ٻچپن،
اسان جي وقت ويلن ۾، ستم جو ئي ذڪر آهي.

اُڏي ويو حسن جو جلوو، جلي هولي جوانيءَ جي،
ٻنهي منهنجي خيالن ۾، ڪيو ڪوئي به گهر ناهي.

بغاوت جو سدا جذبو، پريل آ روح ۾ منهنجي،
اندر ۾ مان ڏسان پنهنجي، به وينو ڪوئي شر آهي.

نيائڻ جي سدا ڪوشش، ڪريان ياري ٿو يارن سان،
ڏسون ٿا پيار هت سڀ جو، الا ٿيو بي اثر آهي.

وقت جي مار ڪائيندي، جسم جو ست ويو نڪري،
وقت ظالم گذيو اهڙو، حراميءَ جو ئي قر آهي.

سنڌوءَ لئه ساهه آ سڪندو، سنڌو آ جان جي جيجل،
ڏسان ٿو خواب ۾ هردم، نه ساپيا ۾ ڪو ٽر آهي.

پلي هت گنگا جمنا آ، ۽ سڏجن پاڪ ٿيون نديون،
مگر اَمرت جون ڏارائون، سنڌوءَ جو سارو جر آهي.

ڏنو جنهن جنم هو آيل، پتا پڻ هئا سنڌي هيئي،
وراثت ڏس انهيءَ تي پڻ، اسان کي ٿيو فخر آهي.

اسين ماڻهو نہ سڀ ماڻهو، لڳي ٿو جانور آهيون،
گدڙ کي پولڙا لومڙ، ڪتا گهوڙا ۽ خر آهيون.

اسان جو چاهہ هر ڍونگي، اسان جو راهہ هر ٺوڳي،
اسين لوڀي بہ لومڙ جيان، پلي پو نام ور آهيون.

اسان جو پيار پڻ ڪامي، ڪتي وانگر سدا سهڪي،
اسين عورتن جي جسمن جا، نہ روحن جا ڪي ور آهيون.

اسين رهنديون ضميرن کي، پئون هردم لهو ان جو،
اسين وحشي ۽ سڀ ويڙهو، نادرشاهہ نر آهيون.

اسين پوڻيون لکي خود کي، سمجهون چڻ وڏا گياني،
افعالن ۾ نہ ڪي اُجرا، ۽ ميرا معتبر آهيون.

ڪريون پڳوان جي پڳتي، بہ دل ۾ آس ڪا اوتي،
اسانجو هر پچن ڪوڙو، سچائيءَ جا نہ سر آهيون.

اسين سڀ اَمن جون ڳالهيون، ڪنداسين پيا ڪتابن ۾،
ڏسو اتهاس پل پنهنجو، اسين جنگ جائي ڦر آهيون.

عبادت پڻ ڪريون ڪوڙي، سچو سچ ويو مري پنهنجو،
سچائي جت نہ صاحب لئہ، جوڳي پوڳ ور آهيون.

اسين سچ کي ڪري ڪوڙو، بڻون ٿا سرخرو هرهنڌ،
اسين سڀ نانگ جيان زهري، ڪي ڪارا ڪي ڪپر آهيون.

(بوٽينا هست گوبينا ۾ ڇئن سالن جي ٻالڪيءَ سان زوري زناءُ
ڪري ٻالڪيءَ جو موت ٿيو. ايم. ايس. ٽي. اِنٽرنيشنل
جي رپورٽ جي آڌار تي لکيل - ايمسٽي يوگوسلووا ۾.)

جنگ جو طوفان ڦهري، موٽ آ انسان جو،
ٻاڳ قبرن جو کلي پوندو وري شمشان جو.

ائٽمي آنڌي هلي ٿي، اڄ جهان جي روح ۾،
خوف جو ماحول سارو، چڻ ٺهيو طوفان جو.

عقل جو اوزار انساني، ڏسو ڪٿجي ويو،
روح ڪامي ويو الا هت، پاڪ گيتا گيان جو.

اڄ بہ ايشين افريڪي ماڻهو مرن بدحال ٿي،
بک مري تن جو مقدر، سک نہ آ سومان جو.

جنگ نہ ٿيندي پر زباني جنگ جو چوپول آ،
اڄ تہ وحشين لئہ هلي پيو، ناچ چڻ شيطان جو.

پونجيوادي اڄ بہ يورپ جا ڏسون ڪن پيا ستم،
رنگ پيدي ۾ وهي ٿو، خون ڪاري خان جو.

ڪي ڪتن جيان ڏند شيڪي ملڪ ٿا هند کي ڏسن،
شانتيءَ جي ديوتا جو، مان ناهي شان جو.

جنگ عالمگير لڳندي يا نہ لڳندي ڪيئن چئون،
پر گهرو جهيڙا ۽ فتنا ڪرم ملڪي مان جو.

راجنيتي هر ملڪ جو، خون ٿي پئندي وتي،
شانتي هوندي قدر ٿيندو نہ سياست دان جو.

جيئڻ جو مقصد آ ڪهڙو، مون نہ سمجهيو آ اڃان،
تون ٻڌائي وڃ خدايا قسم ٿئي ڀڳوان جو.

نہ منھنجو دين ۾ ڪوئي، نہ منھنجو ڌرم ۾ وشواس،
اسانجو ماڻھپو ماڻھوءَ جي آھي مرم ۾ وشواس.

اسان جي عمر وئي گذري، سدا محنت ۽ مشقت ۾،
اسان جيون ڏني ان کي، اسان جو ڪرم ۾ وشواس.

اسان جنھن سان رکي ياري، نڀائي ناز نئڙت سان،
اسان پالي وفاداري، اسان جو شرم ۾ وشواس.

اسان ڪنھن ظلم جي سامھون، نہ گردن کي جھڪايو آ،
سدائين ھوش سالم سان، جگر آ گرم ۾ وشواس.

محبت کي ونڊڻ جي لئہ، نہ الفت غير جي چاھيون،
اسان سڪ سانڍي سھڻيءَ جي، نہ ٻئي جي حرم ۾ وشواس.

اسان پوڄيو سدا پريو، ھي برھمانڊ رچيو آ جنھن،
نہ مندر ۽ مڙھيون پيڙھيون، پتا آ پرم ۾ وشواس.

اسان ئي اڄ صديءَ کان ھت، سڪايو ساھ آ سنڌ لئہ،
ڏسڻ جي آس آ جيئري، آ اھڙي جرم ۾ وشواس.

اسان قربان پنھنجو ديس، ڀارت تان ڪيو آھي،
ملي آھي جلاوطني، ڀري ھيءَ زندگي اھڙي.

ڪڙو سچ ٿو لکان اڄ سنڌ جي سھڻن سپوتن لئہ،
سنڌي ھڄ ڦوت جو آھن، سنڌين جي سڌ ٻڌي اھڙي.

اسين پنھنجي وطن ۾ غير جيان سڀ کي لڳون ڪارا،
ملي نفرت ٿي نيٽن جي، ملي ٿي بيرخي اھڙي.

مڃون ڪيئن پنھنجي مالڪ کي، ھليو انياءُ سنڌين سان،
اسين منڪر انھيءَ جي لئہ، ڪريون ڪيئن بندگي اھڙي.

اسين محنت ڪري ڄاڻون، رکون ٿا مان مشقت جو،
وٺون پيا سک ڀلي ڪيئي، نہ آھي ڪا ڪمي اھڙي.

سياسي حق بہ سنڌين کي، نہ ھند ۾ آ مليو ڪوئي،
اسين ھِت ھُت سدا بيحد، لڳايون ٿا ڀکي اھڙي.

ڪريون شڪوا گلا ڪھڙي، وقت ھن خوني رھزن سان،
رھي ڪيئن روح راحت ۾، ڪريون ڪائي خوشي اھڙي.

سنڌي چمچا سياسين جا، چٽيندا پير پيا تن جا،
نہ رھندا شير ٿي ھند ۾، ڏسون ٿا بس ڪمي اھڙي.

سنڌين ۾ ڪوئي پڻ نيتا، نہ ڪو اڳوان ٿيو جبرو،
ڪريون افسوس ٿا ھردم، ملي وئي بيوسي اھڙي.

اسين جنگ کي ڌڪاريون، ۽ اَمن آسودگي چاهيون،
سدا خوشحال انساني، چمن تا زندگي چاهيون.

اسان جي اندر مان هردم، ٿي نڪري پيار جي واٽي،
مٺي محبوب جي هرجا، سدائين بندگي چاهيون.

نہ گهرجي ٿي اميرن ۽، غريبن ۾ ڪشمڪش ڪا،
رهون يائر بڻي جڳ ۾، نہ ان ۾ ڪا ڪمي چاهيون.

ڏسون چهرا سدا ٽڙندا، سکن جي سونهن سڀ ماڻين،
درد جي دود ۾ ڏڪندڙ، نہ ڪائي بيوسي چاهيون.

سجائي پيار جي محفل، ونديون پيا حال يارن سان،
سدائين دوستن جي ئي، مٺي تا دوستي چاهيون.

وهائي خون انساني، مذهب جي نانوَ تي ويري،
سدا هر حال ۾ ان سان، اسين تا دشمني چاهيون.

اسين انسانيت جا هت، سدائين گيت پيا ڳايون،
تڙي شيطان جي فطرت، جهان جي تا خوشي چاهيون.

زمانو پل تہ پنهنجي نور تي، هلندو رهي 'پياسي'،
اسين ڪنهن جي اکين ۾ ڪين، غم جي ڪا نمي چاهيون.

سنڌي پلجي نہ پئجو هٿ، اوهين سياسي واڌن ۾،
ڪريو محنت ڪمايو ڌن، نہ پئجو هٿ عذابن ۾.

اسانجو هٿ سياست ۾، نہ غلبو ڪوئي رهڻو آ،
سياست اڄ جي آ لفڙا، وڙهي سگهندو فسادن ۾؟

هتي نعرا لڳائن ٿا، ختم غربت ڪي ڪرڻو آ،
ختم ڇا ٿيڻي آ غربت، هتي قومي آزارن ۾.

سڄي هن راڄ ۾ رشوت، مليو ورثو آزاديءَ ڪي،
وٺي رشوت وٺن ڪاريون، رهن محلن منارن ۾.

فسادي دين مذهب تي، وهائن خون خلقت جو،
هلي ٿو حڪم وحشت جو، ڏسو هر هنڌ بزارن ۾.

ڏسو اڄ تائين سنڌين کي، هو سمجهن ٿا جلاوطني،
برابر ويو وطن پنهنجو، سنڌي ٿيا خاڪسارن ۾.

صدين کان ڪوبہ سنڌين ۾، ڏنوسين ڪين ڪو رهبر،
سنڌي وڻجارا واپاري، رڳو ڪيلين هزارن ۾.

هلي جيئن پيو هلي چرخو، هلڻ ڏيو ۽ ڏسو پيا رنگ،
توهين ايڪو ڪريو هردم، نہ وڙهجو خير خوارن ۾.

سلامت قوم سا رهندي، جيئي جا شان سان جڳ ۾،
اٿي سوچيو اوهين خود ئي، جيئو پيا شاندارن ۾.

وٺون ڇا بيک پيا هند کان، ۽ پينو ٿي رهون پنندا،
اسين سؤمان جا وارث، سُهون سؤمان وارن ۾.

غريبن کي جيئڻ جو حق نه آهي ڪو زماني ۾،
سدائين خون جا آنسون، پئن ٿا تاني باني ۾،

صدين ڪان ظلم جو گهوڙو، هليو مفلس جي سيني تي،
سدا ماتم ئي ماتم آ، پريل تن جي تراني ۾.

الله ڄاڻي ڪڏهين ايندو، وقت تن لئه سٺائو پڻ،
اسانجو روح پڻ زخمي، ٿيو آ ان فساني ۾.

سڄي دنيا ۾ دولت جُو، ڏسون ٿيو بول آ بالا،
لڪايو ڏن اُميرن آ، سدا پنهنجي خزاني ۾.

سدائين عيش عشرت تي اَميرن جو ئي آ ورثو،
سدا فاڪاڪشي مفلس لڪائي گهر گهراني ۾.

خدا لئه ڪجهه ڇئون ڪنهن کي، خدا بس خود خدا آهي،
انڌو انصاف آ ان جو، انڌي بيگار خاني ۾.

خدا جي پڻ خلافت ٿا ڪريون شاعر اسين باغي،
ڏنل هيءَ ذات آ اُن جي، اسان جي شعرداني ۾.

اُڏامڻ جي ڪندا ڪئين جستجو غربت جا سي وارث،
پکين جا ڪنپ ڪٽيل آهن، ٿا تڙڦن آشياني ۾.

اڃي ٿو ڏسڻ ۾ ’پياسي‘ اميري ڪين مٽي آ،
لکيو سڄ شعر مون سارو، غزل جي هن بياني ۾.

اسانجو دين ۽ مذهب، اسان جو ڌرم آ پيسو،
اسان جي ديد ۾ جيڪو، رهي سو شرم آ پيسو.

اسين دولت وڌائڻ لئہ، ڪنداسين ڪجھ بہ ڪرڻو آ،
ڪنداسين پاپ پڄ سڀ ڪجھ، اسانجو ڪرم آ پيسو.

هتي انسان جي عظمت، وڪامي چند سڪن تي ٿي،
ٿي وڪڻي آبرو عورت، اسانجو حرم آ پيسو.

اسين دولت جي چوڌاري، قرون ٿا لائمي وانگر،
اکين تي لوڀ جو چشمو، اسانجو ڀرم آ پيسو.

سنڀاريون ساھ ۾ هردم، اسين دولت جي ديويءَ کي،
اسان جو خود خدا سائي، اسانجو مرم آ پيسو.

رکون پٽر جو سينو ٿا، اسين ڪنهن کي بہ مارڻ لئہ،
ڪريون دهشت انگيزي پڻ، اسانجو جرم آ پيسو.

اسين رتبي ۽ عهدي جا، سدائين ڪان بکيا آهيون،
کھون خود جي ضميرن کي، اسان لئہ پرم آ پيسو.

ڏسو پنهنجا زماني ۾، ٻه هيٺا حال ٿيا يارو،
ڪلڻ وسريو اسان کان هت، ٻه ڪيئي سال ٿيا يارو.

سنڌي پنهنجي سپيتا ڪي، وساريندا ٿي هت رهندا،
ڏسو هند ۾ اچي ڪيڏا نه مالا مال ٿيا يارو.

سياست اڄ نه آ سٺري، سياست اڄ آ وحشت جي،
سدا مشڪين مفلس لئه هي پائيتال ٿيا يارو.

هلي ٿي ڳٺ بندي هر جا، هڻن حقدار کي ڌاڙو،
ٻٽي چمچا ٻه هڪ ٻئي جا، ڏسو هت ڀال ٿيا يارو.

اَمن جون اڄ ڪري ڳالهيون، ڏين دوکو زماني کي،
اجان ڏسجو لڙي مرندا، جنگي دلال ٿيا يارو.

دلين ۾ دلبرن جي لئه، اثر الفت نه قلفت جو،
حسينن جو منو مرڪڻ، ٻه تيرهن تال ٿيا يارو.

سياست کان سواءِ هند ۾، سنڌين جو ڇا حشر ٿيندو،
ٿڏيندا ڪين سياستدان، سنڌي فٽ بال ٿيا يارو.

صرف پيدا ٿيو هڪڙو، اسان جي سنڌ ۾ سورهيه،
ٻڌايو لال جهولي لال کان ٻيا لال ٿيا يارو؟

اتهاس پنهنجي خون سان، پنهنجو لکي اچون،
صدين جي ٽهيل ظلم ستم کي پٽيي اچون.

ائٽم جي ڊوڙ ڪيڏي وسائن ٿا ڪي ملڪ،
زخمي اَمن کي جيڪو ڪري، ڪنڌ وڍي اچون.

آهي حيات جوش جي جذبي سان جيئڻ ۾،
اڄ خون سان وهنجي، ڪفن سر سان ٻڌي اچون.

هي دوري زمان ڪيڏو آ وحشي بڻجي پيو،
اڄ تنهن جون ديوارون به پٽيي در ڪٽي اچون.

ٿموڙتي آ سامراج جي هن جهان ۾،
هڪ هڪ جي مٿان ائٽم جو بم هڻي اچون.

پنجاهه هزار ائٽمي بم سنسار ۾ ملن،
خارج ڪري سڀني کي سمنڊ ۾ وجهي اچون.

هڪ امريڪا انگلنڊ فرانس روس چين پڻ،
تن جا گدام ائٽمي ساڙي لٽي اچون.

جنگ جو به ڪڏهين ڪو به نه تصور ڪري ڪٿي،
پيغام اَمن جو به سڀني کي ڏئي اچون.

مذهب ماڻهوءَ کي مارائي، ڪيڏو ان ۾ تعصب آ،
وات ۾ واڳهوءَ جي آ انسان، واڳهو اڄ جو مذهب آ.

رب جو نانءُ وٺي هر انسان، پاپ ڪري ٿو صبح ۽ شام،
ڪوئي ٻڌائي هن دنيا ۾، ڪنهنجو ڪنهنجي لئہ رب آ.

هرهڪ مذهب خود کي سمجهي، مون وٽ آهہ خدا جو شان،
پلا ٻڌايو هن بيماريءَ جو، هن دنيا ۾ ڪو طب آ.

ڪيئن نہ غريبن کي ڦاسائي، لوڀ جو لقمو اڇلن ٿا،
مذهب مٿائڻ لئہ ماڻهوءَ کي، ماڻهو ڏيندو هٿ لب آ.

ڏاڍو هيٺي کي هيسائي، جو ڪجهہ چاهي ڪري رهيو،
باندر جيان ٿو ناچ نچائي، ڏنو اوهان هي ڪرتب آ.

اهڙو ڪو ڪاليج ٻڌايو، ملي وديا جت صرف سچي،
انسان ڪوئي ديو نہ آهي، ڪوڙو جڳ جو مڪتب آ.

جنم جنم ۾ ڪوڙ ڪپٽ جو، آفيم سڀ ڪو کائي ٿو،
لکي جو ڪوئي لوھ تي ليکو، اهڙو ڪوئي ڪاتب آ.

الڳ آهي زماني کان، لڳي ٿو شاعري پنهنجي،
هي باغي شاعري پنهنجي، ڏکويل زندگي پنهنجي.

زماني ۾ جيئڻ جو ڏانءُ، نہ آيو ڪو ڪڏهين مونکي،
خدا کي پڻ نہ ريجهائي، سگهي آ بندگي منهنجي.

ڏسي غريب جي مجبوري، جهري پوندو آ جيءُ منهنجو،
بغاوت اُڀري ٿي دل ۾، ٿي تڙڦي بيوسي پنهنجي.

سنڌوءَ لئہ ساھ ۾ سڏڪو، اڃان هلندو رهي دل ۾،
وطن جي ورھ ۾ تڙڦي، هئي پڻ دلڪشي پنهنجي.

لڳي ٿو ظلم جي حد کان، بہ گذري اڄ ويو ماڻهو،
ڏسي ماڻهوءَ جي وحشت کي، رُني رت سرمئي پنهنجي.

ڏسون هر ملڪ ۾ رت جا، ڦوهارا ٿا ڇٽن ڪيئي،
ڏسي انساني لاشن کي، مِٽي ممتا مُئي پنهنجي.

مذهب جي روپ کي ڏسندي، ڏکي ٿو روح خوابن ۾،
بدولت ان جي اي يارو، جلي حب وطني پنهنجي.

بهارن ۽ خزائن جي، خوشي ۽ غم نٽا سنبرون،
نڀايو پڻ اسان تن سان، رني پئي بيرخي پنهنجي.

اسان سان دوستن هردم، بڌايون ڇا ونڊيو آهي،
مڃان احسان ٿو تن جا، ڪسي وئي دوستي پنهنجي.

ڪريون ڪهڙي گلا شڪوا، جهان جا پڻ مدا آهن،
هتي ڪيئي حلالي ۽ حرامي ٿيا بندا آهن.

وطن جي آبرو زخمي ڪندا ڦورو فسادن سان،
مذهب مروان لئہ تن جا، دنگا ئي بس دنگا آهن.

صديون گذريون نہ سڌريو آ، اڃان انسان ڌرتيءَ تي،
سندن جي چال هر ٽيڙي، ڏنگا ئي سڀ ڏنگا آهن.

ڀلا مالڪ آ مندرن ۽ گرجاگهر مسيتن ۾؟
ڪيا پيدا اسان پنهنجا، الڳ پڻ ڪي خدا آهن.

ڪٿي آ رحم جو جذبو، اسان جي دين ڌرمن ۾،
نہ ڏيندا روح کي راحت، هي قاسيءَ جا ڦندا آهن.

زمين هي آسمان ڪيڏو، بڻايو آ ڏسو خالق،
ٻڌي ان کان بہ سڀ ڏيندا وقت تي پڻ چندا آهن.

بهانو سڀ ڪندا اهڙو، ٻڌون ٿا سڀ خدا کان هت،
سچو سچ ڪين ٻوليندا، لفنگا سڀ لنگها آهن.

ڀلا سوچي ڏسو ’پياسي‘، لکيو مون ڪوڙ ڇا آهي،
لڳي ٿو منهنجون ڪجھ سوچون، جهان کان پڻ جدا آهن.

ماڻهو ماڻهوءَ کي ڳرڪائي، وحشي بڻجي آدمخور،
محلن وارو هر هڪ يڳ ۾، بڻيو آ ماڻهو سڻيو چور.

هر هڪ شهرن جو چوواٽو، هر هڪ ڳليءَ ڳليءَ ۾ گيس،
ختم ٿي ويندو هت ماڻهن جو، روبٽ وانگر سارو شور.

آهي جناور جيان اڄ ماڻهو، وڙهي مرن ٿا مذهب تان،
ويڙهه ڏسي اڄ دين ڌرم جي، زهري لڳي ٿو گويا دور.

نور نانگ جي ڪوڙي ياري، هلندي مور نہ هن جڳ ۾،
نانگ اميري ڪر موڙي اڄ، ٽوڙي رهيو غربت جو زور.

مانوتا جو مور مري چڪ، ٿڪي رهيو آ روحن ۾،
هاءِ اپاڳو بزدل انسان، سمجهي خود کي ٿو شهزور.

ميري من جا اجلا چهرا، پونجيپتي سپ دنيا جا،
ڏيندا بک جي باهہ جهان کي، ۽ جنگ اٿيو روڻيءَ پور.

سارو سچ لکي ٿو ’پياسي‘، وقت نہ معاف ڪندو تن کي،
جوٓ پوکي کو ڪٽڪ نہ لٽندو، پل تہ هجي کو نند ڪشور.

ظلم ڪيڏا هن جهان ۾، پيا روان ٿيندا رهن،
خواب پنهنجي روح جا، پيا دونهان ٿيندا رهن.

ڪيئن جلن ٿيون حسرتون هت دل جي هن شمشان ۾،
پر به ڪي معصوم جذبا، پيا سنوان ٿيندا رهن.

صرف پنهنجي آرزن جو، ٿو ڪريان اظهار مان،
سنڌ ڏسڻ لئہ خواب دل ۾، پيا خوان ٿيندا رهن.

ناهي جذبن ۾ جوانيءَ جي ڪشش ڪا دوستو،
پر ڪڏهين ڪي خوش نما، لمحا جوان ٿيندا رهن.

ادب جو اخلاق اڄ ڪلهہ، ڪين موچارو لڳي،
ڪيئن نہ ڪي يارن تي هردم، مهربان ٿيندا رهن.

چيچنيا ۾ پيا ڪسن، ماڻهو بمن بارود سان،
هاڻ لينن جي ملڪ ۾، شاميان ٿيندا رهن.

سامراجي امريڪا انگلنڊ فرانسي پيا هڏون،
ڪي جبر جرمن جپاني، پيا نوان ٿيندا رهن.

هاڻ خونين جي لسٽ ۾، پاڪ پڻ شامل ٿيو،
ڏس ايراني ليبياني، پيا بيان ٿيندا رهن.

هان اسين ماڻهو ته آهيون، پر ننڍا ماڻهو لڳون،
هر ننڍي ڪنهن ڳالهه تي، لاهيون هڪ ٻئي جون پڳون.

پاڻ انسانيت جو هردم، خون آ خود ئي ڪيو،
گرچ مانگر مڇ به آهيون، خون پئندي ٿا ڏڳون.

دين جي ۽ ڌرم جي، نالي ۾ ٻڙڪون شينهن جيان،
اُت ڪريون لفظي لڙائي، ۽ پٽيون ٻئي جون چڳون.

نانگ سڀ آهيون نمازي، ڍونگي سڀ آهيون ڀڳت،
پر حيا ۽ ادب جون، اوڍيون سدائين ٿا مڳون.

زهر پنهنجي روح ۾، سيلاب ٿي وهندو رهي،
پاڻ جو سوچيون نه سهڻو، ڪٽ چڙهيل آهن رڳون.

پاڻ ڪاشي پاڻ قابعو، پل ته سمجهون پيا مهان،
پر اسان پنهنجي ضميرن جون ٽنگون آهن ڀڳون.

ڇا جا رستا ڇا جا ناتا، ڇا جو انساني اَمر،
سڀ اسين مطلب پرستيءَ جي نشي ۾ ٿا ٺڳون.

ڪجھ بہ سمجھي ڪين ٿو سمجھي سگھان ھيءَ زندگي،
آ سمجھہ کان ٻاھر ڳوري، ٿي رھي شرمندگي.

پاپ ۽ پنج ۾ نہ ويڇو، پر اجان سمجھي سگھيس،
ھن حياتيءَ ۾ خدا جي، مون نہ ڪئي ڪا بندگي.

مون پڙھيو اتھاس دنيا جي مذھب جو دوستو،
زھر چڙھندو ويو ذھن تي، ٿي عقل جي بيوسي.

ماڻھو ماڻھن کي ڪھن ٿا، صرف مذھب جي ڪري،
سلسلو جاري صدين کان، خون تن لئہ مئہ نشي.

مذھب اسلامي عيسائي، ڌرم ٻوڌي سک ھندو،
سڀ تہ خوني وحشي آھن، ڪين ڪنھن ۾ دل ڪشي.

مان تہ سمجھان ٿو اسين سڀ، جانور جيان پيا جيئون،
جو نہ خود کي جانور سمجھي ڪريون ڪا خودڪشي.

ھان اسين روحن ۾ پاپي، پنج جا ڪجھ ڪم ڪريون،
پنج ڪندي ٿوري خوشي، ٿوري ملي ٿي تازگي.

بدمزاجي بي رخي ۽ بي حيائي سڀ ڪريون،
سڀ ڪريون پنھنجي خدا سان، پر دغا جي دوستي.

اي خدا ناچيز بندو، آ 'پياسي' جڳ اندر،
تون اسان جو روح ۾ پر پيار جي ڪجھ روشني.

هي ڪراچي شهر آهي، هت سُني شعيا وڙهن،
هت هلن گوليون قتل ٿي، پيا ڪيئي ماڻهو مرن.

هي مهاجر سنڌين کي، هرگز نہ ڏيندا سک سمهڻ،
سنڌ وطن ناهي انهن جو، خير ان جو ڪيئن گهرن.

هان ڪپي تن کي الڳ پڻ، ملڪ پاڪستان ۾،
هو ڪندا ٽڪرا سنڌوءَ کي، سنڌ جاون کي ڪهن.

شانتيءَ ۽ اَمن سان، رهندا نہ مسلم جڳ اندر،
ٿا وڙهن هر هنڌ هميشہ ، هي وڙهي مرندا ڪپن.

جن گلي لاتو انهن کي، سي سنڌي مسلم هئا،
ٿا چون سڀ هو سنڌين لئہ، هي جتن وانگر جئن.

هن ڪراچي شهر ۾، هندو ڪوئا جڻ ٻرن جا،
مؤت جي تلوار خود جي، سر مٿان لٽڪيل ڏسن.

سنڌي مسلم سيئي ڪائر، ڪين وڙهندا حقن لئہ،
سڀ لڳن گيدي ۽ گانڌو، ٻانگون ٻڌندي پيا ٽرن.

بس رڳو اسلام جو نالو ٻڌي گهوگهيون هڻن،
دوست دشمن جي فرق کي، ڪين سمجهيو آ جڻن.

هت ڪسن ماڻهو مسيتن ۾ ڪتي جي مؤت ٿا،
قتل گاهون ٿيون مسيتون، هِت مسيتن لئہ وڙهن.

ڪيترو پاڪنڊ خدا جي، نانوَ تي ڪن ٿا پليت،
پڻ ڏسي اهڙو تماشو، غير ٿا ڪهڪيون هڻن.

اڄ سڄي سنسار ۾، نالو ڪراچيءَ جو وڃي،
واھ اسان جي سنڌ سهڻي، ڪيڏو آ تو ۾ وزن.

(ڪراچيءَ جي نسلي فسادن کان متاثر ٿي لکيل.)

وقت ايندو سنڌ سنڌين جي هٿان ويندي هلي،
رئيس سڌبا پيا مهاجر، سنڌي سڀ سڌبا ڪُلي.

او سنڌي پنهنجي عقل کي، خود وجهو پل لعنتون،
ملڪ جا والي اوهان ئي، پر اوهان ويندا رلي.

هڪ نئون بيو ملڪ ٺهندو، سنڌ ۾ غيرن جو پڙ،
سو مهاجرستان ٿيندو، آ هوا سياسي هلي.

ڪيتري آ بدنصيبي، سنڌي سنڌ مان لوڏبا،
هو ڪندا هردم غلامي، پل روئن يا پل کلي.

جي وڙهيا هو شير بڻجي، سنڌ تڏهين رهندي سنڌن،
هن جهان ۾ گاندو گيدين جي سدا قسمت رلي.

مان ٿو سمجهان سنڌ چاوا، شير ٿي وڙهندا اتي،
ڪاش بڻجن وير جوڌا، غير کي چيرن ملي.

هندن کي لوڏي ڪڍيائون، دين دوکيباز لئه،
دين ٿيو دوزخ سنڌن لئه، هي حقيقت آ کلي.

سنڌ جي شاداب وادي، آهه جڻ جنت نما،
دين چاهي ڌرم کان، ناهي گهٽ تن کان ڀلي.

هندن جي اوقات کهڙي، اڄ رهي آ پاڪ ۾،
هي قديمي قوم ڏسندي، ظلم ۾ ويندي جلي.

(مهاجرن جي اهڙي گهُر ڏکڻ سنڌ کي سنڌ کان الڳ
ڪرڻ جي ڪراچيءَ جي دنگن کان متاثر ٿي لکيل.)

خدا کي التجا آهي، سنڌو مائي سدائي
ڪري ڪل ندي سنڌ جي، هلائي هاري سنڌ

هوتو ''سنڌو پياسي'' کي
پنهنجن شعرن جو آئون معموعو
ڇپائڻ تي
گهڻيون گهڻيون واڌايون

سچ جون سوين صورتون اهن. مون کو الهام نہ لکيو آهي،
صرف سچ لکيو آهي. هر ملڪ ۾ مذهب خوني ڏائڻ جيان
چٽي رهيو آهي، ٻک آنڊن ۾ صدين جو ناسور ٻڻجي چڪي
سياست هڪ رنڊي جي روپ ۾ ظاهر آهي. ٿورو ان جو ذڪر.
ۂ جي جنگ ۾ اٺ لک ماڻهو مري ويا، اِسلام جا پوئلڳ،
ستان ۾ 12 سالن جي جنگ، 8 لکن کان بہ مٿي ماڻهو ماريا
هن ۽ اڃان تائين ماريا پيا وڃن. يوگوسلويا ۾ هزارين لکين
و مذهب جي خوني وات ۾ هليا ويا. ضائر ۽ سوماليا جي جنگ
ر لک ماڻهو بک جو شڪار ٿيا. هزارن ماڻهن پنهنجي ابهم
کي ماري ڪاڏو. الجيريا، جتي پنجاھ هزار ماڻهو مذهب جو
ر ٿي چڪا آهن. عرب اسرائيل اها بہ جنگ ختم ٿيڻ واري
جو خوني مذهب وچ ۾ ديوار آهي. اسلام مذهب ڏنو وڃي
روع کان وٺي اڄ تائين صرف هڪ نيڪ ڪم ڪيو آهي. مارڻ
دا کي جيڪا تڪليف وٺڻ گهرجي اها اسلام مذهب سر انجام
رهيو آهي. هاڻي اچو ڪجھ انسانن جي ذهنيت تي تہ آخر
ن کهڙي وٽ آهي. انسان بہ هڪ وحشي جانور آهي. خود
مارائڻ لاءِ پنجاھ هزار ائٽمي بم تيار ڪري رکيا اٿن. اڃان
ملڪ ائٽم بم ناهڻ جو حق طلبي رهيا آهن. شايد پنجاھ
ائٽمي بم گهٽ آهن دنيا کي ناس ڪرڻ لاءِ. ننڍيون وڏيون
ون تہ خبر ناهي ڪيتريون هرروز جنم ٿيون وٺن ۽ هر روز
ن مرن. جهڙوڪ سري لنڪا ۾، هندستان ۽ لائوس ۾، روس ۾.
ن بہ تہ چاڻ ڪٿي آسام ۾. چاهي سڀ مون کوڙ لکيو
؟ هڪ ايشور جا ڪيترا نالا رکي انهن نالن جا پوئلڳ ئي
ڀئي کي صدين کان کهندا رهيا آهن ۽ اڃان بہ کهي رهيا
. اسين اهو چو نہ مڃي هلون تہ اسين سڀ وحشي ڍونگي
مي ويڙهو ۽ گانڊو جانور آهيون. ٿورو گهڻو اهڙو اثر ڪن ڪن
ن ۾ عيان آهي. هر طاقتور هيٺي کي هيسي رهيو آهي. آمريڪا
سامراجي ذهنيت بہ دنيا ۾ خون غارت کي وڌائڻ ۾ هٿي
آهي. مڃان ٿو تہ جيسين دنيا ۾ هڪ ئي مذهب يا ڌرم
يو آهي تيسنائين انسانيت سک نہ ڏسي سگهندي.

- هوتو سنڌو پياسي.